(شاعري)

احساس عاشقيءَ جو

ڪوڙل قربدار

ڪاڳ پبليڪيشن

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

احساس عاشقيءَ جو

(شاعري)

SOORIH SINDHI ADAB

ڪوڙل قربدار

Murk Publication Karachi

2021ع

Book No:132

ڪتاب: احساس عاشقيءَ جو
موضوع: شاعري
شاعر: ڪوڙل قربدار
ڪمپوزنگ: فياض بخاري 0300_3419181
ٽائيٽل لي آئوٽ: زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
ڇاپو: پهريون
مهينو سال: نومبر 2021ع
ڳاڻيٽو: پنج سئو
ڇپائيندڙ: مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

Published By: Murk Publication,
Room No:305 /320 3rd Floor Sabir Manzil
Behind Gul Plaza, Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
murtazalaghari64@gmail.com
021-32772494
03005182494

ملھ: 300 رپيا

ڪتابن ملڻ جا هنڌ:

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، ڪانياواڙ بڪ شاپ اردو بازار ڪراچي
ٿامس ڪتاب گهر ڪراچي، سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد،
دانيال ۽ رومي ڪتاب حيدرآباد، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر،
رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو سنڌيڪا ڪتاب گهر لاڙڪاڻو،
تهذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي،
سليمان ڪتاب گهر ۽ پريتم قاضي نواب شاهه، عاجز منگي سانگهڙ

SOORIH SINDHI ADAB

ارپنا

اديب ۽ محقق ڊاڪٽر محبت ٻرڙو
گل حسن گوپانگ 'شاد'
ميهر مجاهد
محمد بخش سيلاني
قاسم راهي
آتش سنڌي
سگهڙ علي گوهر ميراڻي
سيد مدد علي شاهه "منظر"
ضياءُ الدين ضياءُ جتوئي
قمر ڪوسو
سدا حيات سدا بهار شاعر قاضي مقصود گل
ان جو سمورو خاندان ۽ سلڇڻي اولاد جي نانءُ

ڪوڙل قربدار

وچور

- پبلشر نوٽ: — مرتضيٰ لغاري 05
- مهاڳ ڪوڙل قربائتن، جيارو اڇي جيءُ — پروفيسر مختيار سمون 06
- زندگيءُ جو ترجمان شاعر: ڪوڙل قربدار — جهانگير عباسي 13
- نج شاعراڻو سپاءُ رکندڙ سائين ڪوڙل قربدار — سيف نياز 15
- مون هن ڪي بي لوث محبت ڪندڙ محسوس ڪيو — عنايت ميمڻ 18
- بيت ڪوڙل قربدار جا — عنايت عارباڻي 19
- شاعري جزويست از پيغمبري — منظور سولنگي 25
- من جي مراد — ڪوڙل قربدار 29
- مختصر تعارف — اظهر سمون 31

- نعت 34
- بيت 37
- گيت 47
- وايون 55
- غزل 61
- نظم 129
- منظوم پيٽائون 149

پبلشر نوٽ:

ڪوثر قربدار جو ڳوٺ تعلقو تعلق قمبر تعلقي، (هاڻوڪي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي) سان آهي. پر 'سنڌ پرين ۽ جو پاڇو' ڪري ڇڏي اٿائين، اها به حقيقت آهي ته هو اڄ به مائٽن ۾ ذوالفقار علي آهي. پر ادبي لڏو ڪيس ڪوثر قربدار جي نالي سان سڃاڻي ٿو اُن جي باوجود هو ڪٿي ڪوثر ته ڪٿي قربدار آهي.

ڪوثر قربدار پنهنجي نالي، ادبي نالي يا تخلص سان ڪيترو نيائي ٿو اها الڳ ڳالهه آهي پر پنهنجي شوق زوق سان نڀائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري ٿو سندس چوڻ آهي ته استاد ٻيرل قمبر ذوالفقار علي مان قربدار بڻايو پر اڃا اها وضاحت نه ٿي آهي ته استاد ٻيرل قمبر ڪيس قربدار تخلص ڏنو يا ڪوثر! حقيقت اها آهي ته هو ڪوثر به آهي ته قربدار به.

ڪوثر قربدار بنيادي طور شاعر آهي، سندس لکڻ جي شروعات ڪجھ عرصو پراڻي آهي، هو استاد ٻيرل قمبر جو شيدائي ۽ شاگرد آهي، سندس چواڻي ته هن استاد ٻيرل کان سواءِ سرمد چانڊيي توڙي ٻين ڪيترن ئي دوستن کان سکيا ورتي آهي، سندس تعارف دوران ڇيل هي جملو "استاد به آهيان ته شاگرد به!" مشهور آهي. ان جملي مان سندس مقصد ڪهڙو به هجي پر هر دوست ڪيس استاد تدريسي دنيا ۾ ۽ شاگرد ادبي دنيا ۾ سمجهي ٿو.

ڪوثر قربدار سنڌي شاعريءَ جي سينيئر ليکڪن منجهان آهي، هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي تجربا ڪيا آهن، علم عروض جي سُني ڄاڻ رکي ٿو اُهو ئي سبب آهي جو گهڻو تڻو غزل لکيو اٿائين، توڙي جو سندس هن ڪتاب "احساس عاشقيءَ جو" ۾ گيت، وايون، بيت ۽ نظم به شامل آهن، پر سندس غزل جي اُڏار متاهين آهي. سندس شعر جي گونج سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ رهي آهي. پروگرامن ۾ ٻڌندڙن کان مليل داد کي پنهنجي ڪاميابي سمجهي ٿو. جيتوڻيڪ هي پهريون شعري مجموعو آهي، پر وٽس شاعريءَ جو جهجهو مواد موجود آهي، هو ڇپيل ڪتابن جو تعداد سگهاري شاعر جي ثابتي نه ٿو سجهي.

مرڪ پبليڪيشن ڪراچيءَ طرفان ڪوثر قربدار جو هي شعري مجموعو "احساس عاشقيءَ جو" شاعريءَ جي دنيا ۾ بهترين اضافو ته آهي ئي پر شاعريءَ جي شوقينن لاءِ خوبصورت تحفو به آهي.

مرتضيٰ لغاري
03005182494

مهاڳ

ڪوڙل قربائتن، جيارو اچي جيءُ

ڪوڙل قربدار جي هن شعري ڪتاب جو نالو پڙهيم تہ ڪجھ وقت ان ۾ ئي اٽڪي بيهي رهيس. ”احساس عاشقيءَ جو“ گهري سوچ، غور ۽ فڪر ڪان پوءِ ان ڪيفيت مان تڏهن نڪتس جڏهن ان نالي ۾ استعمال ٿيل پهرئين لفظ جي افاديت ڪي پروڙڻ ورتم. تهان پوءِ معلوم ٿيو تہ لفظ ”احساس“ ئي اهڙو رازُ روح يا بنياد آهي، جيڪو پنهنجي معنوي ۽ عملي صورت ۾ هن شاعر جي زندگيءَ جو حصو بڻجي هن ڪي زنده دليءَ سان زنده رکيو پيو اچي ۽ ڪيس علم ادب جي جهان ۾ متحرڪ ۽ سنگت سان سنمُک بڻايو پيو اچي.

”احساس“ هن جي عاشقي واري خواهش ۾ بہ عيان آهي تہ سندس هن ڪتاب جي نالي جو روپ ڏاري بہ ظاهر ٿيو آهي. بحرحال وڏي ڳالھ ئي اها آهي تہ وٽس ”احساس“ موجود آهي؛ اهو رڳو عاشقيءَ جو ئي نہ پر منهنجي مشاهدي مطابق وٽس گھڻ پاسائون احساس موجود آهي، جنهن جو اظهار سندس شاعريءَ مان جابجا جهلڪندي نظر اچي ٿو مثال طور: انسانذات جي امرتا جي بحالي لاءِ جدوجهد جو احساس، مظلومن سان همدردي جو احساس، غريبن، مسڪينن ۽ محرومن جي دردن جو احساس، محبوبن سان محبت جو احساس، ڌرتي سان دل لڳيءَ جو احساس، پنهنجن سان پيار جو احساس، پراون سان پنهنجائپ جو احساس ۽ معشوق سان ”عاشقيءَ جو احساس“. مطلب تہ وٽس احساس موجود آهي، تڏهن تہ هو سماج ۾ هر جاءِ تي گهربل بہ آهي ۽ ان جي ڪري ئي ڪيس مانُ ۽ مرتبو بہ حاصل اٿس. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ پوءِ اياز گل چوائي ”احساس بنا ماڻهو اخبار پراڻي آ“، يعني بي احساس ماڻهو ڪنهن بہ ڪم جو ناهي. نہ

سچ ڪي آسرو نہ دشمن کي پٺ. نہ ھو پنھنجو آھي نہ ئي وري ھين جو. احساس ۽ جذبن کان عاري ڄڻ ڪو پٿر.

ڪوڙل قربدار احساس سان ڀرپور نرم دل رکندڙ اڏول ۽ لاجواب پرش آھي. سندس دل انساني سماج ۽ ان ۾ رونما ٿيندڙ وارتائن ۽ فطرت جي حسناڪين جي رڌم سان گڏ ڌڙڪي ٿي. ھو خود بہ انھن جو ھڪ اٽوٽ حصو آھي. ھن وٽ احساس آھي، جنھنڪري ھن جو ذھن ۽ ضمير زندھ آھي ۽ ھو محبوب، مقصد ۽ منزل کي ماڻڻ لاءِ متحرڪ آھي. سندس اھو تحرڪ ذاتي زندگي ۾ بہ آھي تہ سماجي سلسلن ۽ ادبي کيتر ۾ پڻ. سندس شاعري بہ ان تحرڪ جو ئي نتيجو آھي.

زندگي مرڪي گذاريو آ حياتي مختصر،
نيڻ نيڻن ۾ نھاريو آ حياتي مختصر.
جي اچي مشڪل گھڙي مشڪل ڪشا بڻجي پئو
پاڻ جيئو ۽ جياريو آ حياتي مختصر.

زندگي زندھ دلي ۽ حوصلي سان گذارڻ واري روش ڪنھن پُراحساس ۽ سماج سان سچائي سان سلھاڙيل ماڻھوءَ جي ئي ٿي سگھي ٿي. جنھن جو مثال ھن شاعري جو تخليقڪارخود بہ آھي. ھُو ھر وقت با اعتماد ۽ پرجوش نظر ايندو آھي. مشاعرن ۽ ٻين ادبي محفلن ۾ جڏھن ھو پنھنجو شعر پيش ڪندو آھي يا تقرير ڪندو آھي تہ سندس گونجندڙ آواز سندس لفظن کي زندگي بخشيندو ٻڌندڙن جي سماعتن تائين پھچي ڪين مرڪون ميڙي ڏيندو آھي، سندن اندر ھمٿ ۽ حوصلي وارا احساس جاڳائيندو رھندو آھي. سندس غزل جا مٿي ڏنل بہ بند يا ھيٺ ڏنل ھڪ بند سندس شاعري ۾ موجود اھڙي اتساھ واري پھلو جو اعليٰ مثال آھن.

دل جي ڪعبي ۾ اچا ڪعبي ڏٺي موجود آ،
حوصلا پنھنجا نہ ھاريو آ حياتي مختصر.

ڪوڙل قربدار ھڪ برجستو شاعر آھي. ھن جي شاعري سندس خوبصورت خيالن ۽ احساسن جي اھڙي گلدستي مثل آھي جنھن ۾ موجود ھر گل پنھنجا خوبصورت رنگ نکيري ۽ مخصوص خوشبوءِ ڦھلائي دل ۽ دماغ کي معطر ڪندو رھندو آھي. ھن جي شاعري ۾ عاشقيءَ جو رنگ تہ

حاوي آهي ٿي پر ان ۾ ٻيا بہ ڪي ٿي دلڪش رنگ موجود آهن، جيڪي ڏرتي، سرتي ۽ سونهن سان ازلي، اٽڪٽ ۽ اٽٽت چاهہ سان گڏ، خوشين، ڏکن، اميدن، خواهشن، محبتن، نفرتن ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي انساني احساسن کي اجاگر ڪن ٿا.

سنڌڙي سونَ ورني سهاڳڻ مني،
چوڏهين رات جان سونهن تنهنجي چٽي.

سنڌ ثقافت زنده باد،
پيار محبت زنده باد،
مومل مڪلي منچر ڪينجهر،
روح جي راحت زنده باد.

ڪوڙل جهانديده ماڻهو آهي جيڪو پنهنجي شعر جي اندر نفيس ۽ نازڪ جذبن کي سمائڻ سميت زماني جي رفتار ۽ ان جي چلولاين کان بہ پنهنجي ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ کي آگاهہ رکڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. تخيل تہ شعر جو حسن يا ائين چئجي تہ بنياد آهي ٿي پر شاعر جو ڪيل معروضي حالتن جو مشاهدو ۽ ان جي اظهار جي سگهہ پڻ شعر کي جلا بخشي ٿي. اهڙو شعر ٻڌندڙ جي اندر جو ڏيِ ٻڻجي پوي ٿو. ڇاڪاڻ تہ شاعري يا ڪا ٻي ادب جي صنف جو ڪارج ئي سماج جي سونهن کي پروقار رکڻ، فطرت جي حسناڪين کي اجاگر ڪري ماڻهو کي ان سان روشناس ڪرائڻ ۽ انساني زندگي کي معنيٰ بخشڻ لاءِ ماڻهوءَ کي همٿ، محبت، پيار، امن ۽ رواداري تي هلڻ جو اتساهہ بخشڻ آهي. جيڪو شعر ائين ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو اهو يا تہ پنن ۾ دفن ٿي وڃي ٿو يا هوا ۾ تحليل ٿي وجود وڃائي ويهي ٿو. ڪوڙل قربدار جي شاعري جي اها خاصيت آهي تہ اها پنهنجين فني ۽ فڪري گهرجن کي پورو ڪندي انساني زندگي ۽ سماجي حالتن جي نمائندگي ڪري ٿي جنهن ڪري ان ۾ گهڻو عرصو ماڻهن جي سماعتن، دل ۽ دماغ ۾ زندهہ رهڻ جو قوت موجود آهي. سماجي حالتن جي مشاهدي جو سندس شاعري ۾ هڪ مثال سندس هڪ غزل جي هيٺين سٽن مان بہ ملي ٿو.

زماني جا ڏسو ڦيرا ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا،
جيئن درياءَ جا ويرا ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.
هلي ٿو دور ايئن جو ٿيو هوشيار اي ساٿيو
ٿين غيرن جا پيا گهيرا ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

ڪوڙل قربدار جي شاعري ۾ تلخي جي اظهار سان گڏ قرب جي پلئنار پڻ سندس ”ڪوڙل“ سان گڏ ”قربدار“ هجڻ جو بہ دليل آهي تہ ان کي متوازن بہ بڻائي ٿي. ڇاڪاڻ تہ زندگي انهن ٻنهي ڪيفيتن جو ذائقو چکيندي پنهنجو سفر جاري رکي ٿي. هيٺ ڏنل سٽون ان حقيقت جو مثال آهن:

زندگي جو سفر، نہ آ سولو
باھہ تان جيئن گذر نہ آ سولو.
درد دل جون ڏچيون اڏائي ڇڏيون،
مڙيو منهن تي پگهر نہ آ سولو.

زندگي تہ پيار تي گهري،
پيار پُر وقار تي گهري.
جيءُ جيءَ ساڻ جوڙ تون،
ياڪرن جو هار تي گهري.

ڪوڙل جي هر غزل جو ردميٽڪ انداز ان کي ڳائڻ لائق بڻائي ٿو جيڪا ڳالهہ شاعري جي موزون هجڻ جو بہ ثبوت آهي ۽ ان جي خصوصيت کي بہ ظاهر ڪري ٿي. شاعري سُر ۾ سمائجي ٻڌندڙ جي دل ۽ دماغ تي ديرپا اثر ڇڏيندي آهي، جيڪا ڳالهہ خود شاعري کي بہ دوام بخشيندي آهي. جنهن ڪري اها وڏي ڇمار ماڻيندي آهي. هن ڪتاب ۾ اهڙا ڪي ئي غزل موجود آهن، جيڪي پڙهڻ سان نہ رڳو نفيس جذبن کي جلا بخشن ٿا پر انهن جو ردم دل جي ردم سان هم آهنگ ٿيندي محسوس ٿئي ٿو. مثال طور هڪ غزل جون هي چند سٽون پڙهي ڏسو.

نظر نظر ۾ خمار اوتون اسان رهون ٿا تڏهن تہ گم سم.
خزان جي رت ۾ بهار اوتون اسان رهون ٿا تڏهن تہ گم سم.

پريان ڏسو هو عجيب منظر گلابي ھوتو ڪڙي پيو آ.
هڳاءَ ۾ هن هزار اوتون اسان رهون ٿا تڏهن ته گم سم.

يا وري هن ھئي غزل ۾ زندگي جي ساز کي ڇيڙڻ جي موجود صلاحيت کي به آساني سان پسي سگهجي ٿو:

عاشقي عشق جي گفتگو هر جڳهه،
جوت لئہ جيءَ کي جستجو هر جڳهه
ڪائناتي حُسن کي ڇهڻ لئہ پرين،
روح ۾ آ رهي آرزو هرجڳهه.
پيار تي پيار کي ٿو ورهايان پيو
ٻول ڳائيندي ٿيا سرخرو هر جڳهه.

جيتوڻيڪ ڪوڙل قربدار جي خاص سڃاڻپ غزل گو شاعر واري آهي پر سندس لکيل چند گيت، وايون، نظم ۽ بيت جيڪي هن ڪتاب ۾ به شامل آهن اهي هن جي غزل کان علاوه ٻين صنفن تي سٺي طبع آزمائي جو پڻ دليل آهن .هو انهن صنفن ۾ به پاڻ کي اهڙيءَ ئي آساني ۽ رواني سان اظهاري سگهڻ جي صلاحيت رکي ٿو جيڪا ڪيس غزل تخليق ڪرڻ ۾ به حاصل آهي. سندس هڪ گيت جو هي پُرلطف اندازِ ان ۾ ڏنل پاڻ ارپڻ جو پيغام، حق، سچ، سونهن ۽ صداقت سان سندرو ٻڌي سلهاڙجي وڃڻ ۽ سرخرو ٿيڻ جو سنيهو ڪيڏو نہ پرڪشش ۽ زندگي بخش آهي جو ان تي عمل پيرا ٿيڻ جو تصور ئي سرهائي بخشي ٿو عملي طور ان کي زندگي ۾ اپنائڻ سان ماڻهو يقينن امرتا ماڻي وٺندو:

مرڪ محبت پيار سڀ لئہ آ خوشي حُسنِ عمل،
پاڻ کي ٻين لئہ ارپڻ زندگي حُسنِ عمل.
سچ لئہ هٿ مچ ۾ پوندا رهن ٿا هر گهڙي،
دار تي دم دم چڙهڻ لئہ عاشقن جي ڌم دڙي،
مرڪندي ٿا عشق ماڻن دائمي حُسنِ عمل.

هن جي واين ۽ بيتن ۾ به بامقصد ڪارج جي حصول جو پيغام موجود آهي جن کي پڙهڻ سان ماڻهوءَ جي اندر ۾ "عاشقي جو احساس" ڪر

موڙي اٿي ٿو. اهو احساس ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن به ڪم ۾ مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ ماڻهوءَ جي رهنمائي ڪندو رهي ٿو.

سندس وايون به زندگي جي مسرتن توڙي تلخين جي عڪسبندي ڪن ٿيون. ڪن واين ۾ محبوب جي درشن جي خواهش يا ان جي سونهن جي ثنا جو خوبصورت اظهار مِلي ٿو ته وري ڪي جيون جي دردن جي دانهن ٻُڌي روح ۾ رانيوتا وجهي تڙپائي وجهن ٿيون.

لالڻ ليئڙو پاءِ،
منهنجو هينئڙو ٿو وجي.
ڪيف ڪڪوريل مڏ پريا،
نيڻ جهليو هڪ جاءِ،
منهنجو هينئڙو ٿو وجي.
جيون سارو سُور،
گهڙي اک سان اک لڳي.
اکڙين ڪان اوجهل رهيو،
ڪوهين ساءَ سرور،
گهڙي اک سان اک لڳي.

ڪوڙل قربدار جا نظم ۽ آزاد نظم پڻ سندس ٻي سموري شاعريءَ وانگر نه رڳو بامقصد مضمون يا ٿيم (Theme) تي آڌاريل آهن پر اهي پنهنجي آسان ۽ عام فهم ٻوليءَ ۽ سهڻي اندازِ بيان جي ڪري پڻ شاعر جي احساسن کي آساني سان پڙهندڙ يا ٻڌندڙ ڏانهن منتقل ڪن ٿا. سندس نظمن جا موضوع ڌرتي، سرتي ۽ سماج جي اهڙن لقائن مان ورتل آهن جن جو سئون سڌو تعلق زندگي ۽ ان جي رازن سان جڙيل آهي. سندس نظمن بابت اهڙي دعوي جي صداقت هيٺين مثالن مان پسي سگهجي ٿي:

ڪِري ڳوڙها پون ان پل پڙهون اخبار جنهن پل پيو،
ڏسي جيجل ڪٿي رڙندي ٿا زارو زار جنهن پل پيو،
وطن واسين ولهارن جا اچن اوٿار جنهن پل پيو،
اسان جا حال هي ويتر نه تون بيحال ڪر پيارا.

ڪيان ٿو التجائون مان صديون سڪ سال ڪر پيارا.
منا مارو سدا آباد ۽ خوشحال ڪر پيارا.

ضمير مون تي ڪندو ملامت،
لکان نہ تو تي غزل جي پياري،
حسين تخليق تنهنجي سائڻ،
رهون ٿا جنهن جا اسان پوڄاري

سندس اهڙي ئي هڪ ٻئي رڌم، رونق ۽ راحت سان ڀرپور آزاد نظم ۾ پويل هي نفيس خيال پڙهي ڏسو.

سندري سندري ساهہ سيباٽي،
مرڪن جا ٽي تحفا اربي،
نيڻ ڪڪوريا ڪيف ڪٽورا،
هر هر ٽي پئي آچي امرت
سونهن سهاڳڻ نکري پئي آ.

مان ڪوڙل قربدار کي خوبصورت شاعري سرجڻ تي مبارڪون ڏيان ٿو ۽ سندس ئي هن بيت سان کيس ڀيٽا پيش ڪندي سرهائي محسوس ڪريان ٿو.

ڪوڙل قربائتن، جيارو اچي جيءُ،
ڀري ڏنائون ڀيءُ! پرتوءِ پيالا پيار جا.

پروفيسر مختيار سمون
نالیج سينٽر لاڙڪاڻو

زندگيءَ جو ترجمان شاعر: ڪوڙل قربدار

شعر ۽ ادب جي مختلف صنفن واري سجيل ڪينواس تي سگهاري شاعر ۽ نثرنگار ڪوڙل قربدار جو نالو پنهنجي تخليقي جوهر جي سڳنڌ واري سڃاڻ سان ائين ڦهليل آهي جيئن باغ منجهه طرح طرح جي خوشبوءِ ڏيندڙ گلن جو واس من کي موهي ڇڏيندو آهي. هن جي شعري فن ۽ فڪر جا سرچشما علم وُ عروض جي پابندين جا پاسبان آهن تہ طرحي ۽ موضوعاتي شعر سرجڻ جا علمبردار بہ آهن. پنهنجي منفرد طرز ۽ اسلوب جي گهاٽيتي ۾ روشن خياليءَ ۽ ترقي پسنديءَ واري فڪر جي ترجماني سان گڏ انساني زندگيءَ جي سمورين باطني ۽ ظاهري سچائين جا سرواڻ بہ آهن ۽ مان سمجهان ٿو تہ هڪ شاعر جي فن ۽ فڪر ۾ جيڪي لازمي ڏاڻون هجڻ گهرجن اهي سموريل ڪوڙل قربدار جي تخيل مان ايئن ڦٽي نڪرن ٿيون جيئن بلند پهاڙن جي وجود مان آب جا سرچشما آبشارن جي ڏارائن ۾ ڦٽي زندگيءَ جي سرگرمين جهڙا ساز ڇيڙيندي ڌرتيءَ جو سينو سيراب ڪندا رهندا آهن.

ڪوڙل قربدار جي شخصيت جا مختلف پهلو ۽ حوالا جڙيل آهن. هُو ذات جي ڏيهہ ۾ جيئن پنهنجي فن ۽ فڪر سان حقيقي معنيٰ ۾ سلهاڙيل (Committed) سچو تخليقڪار آهي، پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ايئن ئي خوش مزاج ۽ ملنسار طبيعت رکندڙ هڪ محبتي انسان بہ آهي. دوستن جو دوست ۽ سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ تائين ادبي محفلن ۽ پروگرامن ۾ شامل ٿيندڙ غير معمولي تعلقاتن کي نڀائيندڙ هڪ سيلاني لکاري پڻ آهي ۽ اها هڪ ڪامياب انسان جي سڃاڻپ هجي ٿي تہ هُو پنهنجن همعصرن توڙي نئين ٽهي تائين ادب جي ميدان ۾ يڪسان وقت مقبوليت رکندڙ هجي ٿو.

ڪوڙل قربدار جي شاعري ۾ پنهنجي ڌرتي، ديس وند مارو ماڻهو ٻوليءَ جي پرچار سان گڏ انسانيت سان محبت، رواداري، انصاف ۽ امن پسنديءَ جو فلسفو بہ ملي ٿو تہ عزم، حوصلي ۽ ثابت قدمي سان منزل کي ماڻڻ جو نئون جهان بہ نظر اچي ٿو. علامہ شبلي نعماني جي لکڻ مطابق تہ ”اُها ئي

حقيقي معنيٰ ۾ درست ۽ سچي شاعري هجي ٿي جنهن جي هر شعر ۾ آئيندي جو اُونهو سمايل هجي." ڪوڙل قربدار جو شعر به اهڙي ئي روشن آئيندي جي راهه جو ترجمان آهي جنهن جو چٽو مثال هن جا هي شعر پڻ آهن.

اندر ۾ اُنس پيدا انسان لئه جي ناهي،
انسان پوءِ سمجهو شيطان بهرِ صورت.

بيت

راڻي سواءِ روح، جئين ڪو خالي ٿانءُ،
مون تي تنهنجو نانءُ، اڪريل آهي ازل کان.

بيت

جيئن سَرَ مان ڳپ، نسري ٿين نروار،
تيئن تنهنجو پيار، رڳ رڳ مان اپري پيو.

ڪوڙل قربدار هڪ محنتي ۽ جدوجهد ڪندڙ انسان آهي ته قابل استاد به آهي. هن شعر جي مڙني صنفن غزل، بيت، وائي، نظم، طرحي شعر ۽ موضوعاتي پيٽا وارو شعر به چيو آهي. هن جو تخليقي سفرتن ڏهاڪن کان مٿي آهي ۽ ادبي ڪيتر ۾ هڪ شاعر طور ڀرپور سڃاڻپ رکي ٿو. سندس هيءُ شعري مجموعو "احساس عاشقي جو" جيتوڻيڪ گهڻو اڳ اڇڻ گهربو هيو پر دير آمد درست آمد مصداق آهي ڪوڙل قربدار کي دلي واڌايون ڏيندي هي قوي اميد به رکان ٿو ته ڪوڙل قربدار جو هي ادبي پورهيو ادب ۽ هن جي چاهيندڙن مٿان سڦلتا ماڻيندو ۽ هُو ائين ئي پنهنجي هن شعر وانگي ذات جي جوت کي جلائي رکندو ته:

ٻاٽ ۾ ٿي روشني ڪيون،
واٽ ۾ ٿي لاٽ جان ٻرون،
نئين نسل جا قرضي هون اسان،
اڄ جيئون جيئڻ جهد سان،
چو سهون دنيا جون تهمتون.

جهانگير عباسي
لاڙڪاڻو
20 جنوري 2021ع

نج شاعراڻو سڀاءُ رکندڙ سائين ڪوڙل قربدار

زندگيءَ جو سفر نہ آ سولو
باھ تان جيئڻ گذر نہ آ سولو.
(ڪوڙل قربدار)

ان وقت آءٌ ننڍڙو ڇوڪر هيس .سائين ڪوڙل قربدار ماما ڏي ايندو هو.گهر جي ٻاهران هڪ ڪمري جي اوطاق هئي. اتي سائين ڪوڙل قربدار ۽ ماما محمد عمر سومرو ويٺا لکندا هئا. شاعري ۽ وزن بحر تي بحث ڪندا هئا. ان وقت پاڻ کي ڪا خبر نہ هئي تہ شاعري ڇا آهي ۽ وزن بحر ڇا کي چئبو آهي؟ ٽين درجي ۾ پڙهندا هئاسين. اسان جي پلي خدمت چاڪري جو ڪم هوندو هو سو خوشي خوشي پيا ڪندا هئاسين .ماما جي سيني دوستن مان هي دوست الڳ هوندو هو. هن جو ورتاءُ بہ نهايت شفيق هوندو هو. وقت گذرندو ويو. اسان بہ وڏا ٿياسين. سائين ڪوڙل قربدار جي محنت سان نہ صرف اسان جي ڳوٺ پر آسپاس جي ٻين ڳوٺن ۾ بہ نوان شاعر پيدا ٿيا .مان جڏهن مئٽرڪ ۾ پهتم تہ ڪچي ڦڪي شاعري ڪرڻ لڳس... منهنجي ان شاعري تي بہ سائين ايڏو داد ڏيندو هو جو اتساهہ وڌي ويندو هو.اهڙي طرح مان ڪجهہ وزن سائين ڪوڙل قربدار کان، ڪجهہ وزن ماما کان ۽ ڪجهہ وزن شمس چانڊيو کان سکيس، سو شاعري ۾ اهي ٽئي منهنجا محترم استاد آهن. سائين ڪوڙل قربدار جو جنم جنهن ڳوٺ ۾ ٿيو سو تعليمي حوالي سان پٺتي پيل هو. ان کان علاوه قبيلائي جهيڙا الڳ..ان ڳوٺ ۾ هڪ حساس دل شاعر جو پيدا ٿيڻ ۽ جيئڻ بہ هڪ امتحان هو. شايد اهائي ذهني/خيالي تنهائي سائين کي ماما وٽ ڇڪي ايندي هئي.

هاڻي سوچيان ٿو تہ حيرت ٿئي ٿي.سائين ڪوڙل قربدار جو ڳوٺ اسان جي ڳوٺ پنيو خان چانڊيو کان ڪافي وڇيرڪو هو پوءِ بہ سائين پنڌ ڪري ايندو هو. اهو دور اڃا ريڊيو،ٽي وي،اخبار ۽ ڪتاب جو دور هو. موبائل ۽ نيٽ نہ هئي.هڪ شاعر کي شاعري ٻڌائڻ لاءِ ڪنهن ٻي شاعر دوست ڏي

يا ڪنهن مشاعري ۾ هلي ويٺو پوندو هو. تڏهن وجي پنهنجي ذوق جي شوق کي پورو ڪري سگهبو هو.

۽ ها ان دور جا مشاعرا به پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ايڏو داد ملندو هو جو شاعر مخمور ٿي ويندو هو .الائي جي ڇو ان وقت، وقت جي ايڏي کوٽ (جيڏي هاڻي پئي محسوس ٿئي) نه هوندي هئي. ڏينهن جا ڏينهن راتين جون راتيون ڪچهريون، شاعري ۽ محبتون... هاڻي ته ڄڻ وقت کي ڪو ياجوج ماجوج چٽي کائي ويو آهي. اهو هڪ عجيب محبتن جو دور هو ٽيهه سال ڪو ايڏو وڏو عرصو ناهي پر پوءِ به ڄڻ ته ان سالن ۾ وڏو فرق اچي ويو آهي. هي سڀ ڪجهه ٻڌائڻ جو مقصد اهو آهي ته جيئن اوهان سمجهي سگهو ته هڪ شاعر/انسان زندگي جي ڪهڙن دورن مان گذري ٿو .سو ان وقت کي سارينديءَ سائين ڪوڙل جون محنتون ياد اچن ٿيون. هيءُ شعور جو پانڌيئڙو سفر ۾ نوان ساٿي به شامل ڪندو ويو. ماما استاد محمد عمر، شمس چانڊيو منظور چانڊيو فرهاد چانڊيو،آزاد چانڊيو استاد عبدالرشيد رشيد ڊيلاري، اسرار چانڊيو نياز مخلص، ضمير حيدر چانڊيو ايوب چانڊيو حاجن چانڊيو رياض شاهي، وفا رياض احمد لوڙڙ ساقي ارشاد ۽ مون سميت اسان سڀني جو اهو وسيع دائرو سائين جي محنت سان جڙيو.اهو سڀ اک ڇنڀ ۾ نه ٿيو. ان شعوري قافلي ٺهڻ ۾ سالن جو وقت لڳو.

سائين ڪوڙل سانوڻ هجي يا سيارو گرمي سردي ۾ پنڌ ڪري محنت ڪندو رهيو. مان حيران آهيان ته سائين ڪهڙي مٽي جو ٺهيل آهي اڃا ٿڪو نه آهي. اڃا ٻه ساڳي راهه ته چاهه سان هلندو اچي ٿو. پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري سڄي سنڌ ۾ وڃي مشاعرن ۾ شريڪ ٿئي ٿو. سائين وڏي عرصي تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ پرائمري استاد جي حيثيت سان تعليم ڏيندو آيو. اسڪول ۾ به عام رواجي طريقي کان هٽي ڪري ٻارڙن ۾ سڄاڳي جا پروگرام ڪرائيندو رهيو. مان پنهنجي خوشنصيبي سمجهان ٿو ته سائين انهن پروگرامن ۾ ڪمپيئرنگ لاءِ مونکي چونڊو هو. استاد پيرل قنبر ۽ سرمد چانڊيي جي شاگردي ۾ رهندڙ ۽ ان کان شاعري جا رمزون سکندڙ سائين ڪوڙل قربدار ڪنهن ۾ وڃي شاعري ڪندڙ شاعر ناهي پر سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر ۾ وڃي مشاعرا اٽينڊ ڪيا اٿائين.هڪ وڏو شاعرن جو حلقو سائين کي سڃاڻي ٿو .سائين ڪوڙل قربدار جي زندگي مسلسل

جدوجهد جي اهڃاڻ رهي آهي. سنڌي ادبي سنگت قنبر جي تاريخ ۾ سائين ڪوڙل قربدار هڪ جاڪوڙي ميمبر ۽ مختلف عهدن تي پنهنجي ذميواري سمجهي نموني سان نڀائيندو رهيو آهي. سنڌي ادبي سنگت قنبر جو سيڪريٽري ٿيو ته شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندي مختلف قسمن جا شاندار پروگرام ڪري ڏيکاريا. سائين جو سنڌي ادبي سنگت سان چاهه ۽ ويساهه جو عالم اهو آهي جو هڪ ئي وقت شهدادڪوٽ، قنبر ۽ لاڙڪاڻي جي شاخن طرفان ٿيندڙ پروگرامن ۾ شامل ٿيندو رهيو آهي. ان کان علاوه آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻي جو سرگرم ميمبر پڻ رهيو آهي. ڪو به نئون رسالو هجي يا ڪو ڪتابي سلسلو هجي پاڻ ان ۾ ڪليل دل سان شامل ٿي ان کي ڪاميابي تي پهچايو آهي. سائين ڪوڙل قربدار جي ادبي سچائي جو اهو هڪ مثال ئي ڪافي آهي ته هن پنهنجي ڪتاب کان اڳ پنهنجي ادبي استاد پيرل قنبر جي شخصيت ۽ زندگي تي ڪتاب "پيرل قنبر تخليقڪارن جي آئيني ۾" مرتب ڪري ڇپائي پڌرو ڪيو. روايت کان وڻي جدت تائين پاڻ ملهائيندڙ سائين ڪوڙل جڏهن اسٽيج تي ايندو آهي ته مائيڪ جي به ضروت ناهي رهندي، گونجدار آواز سان ٻڌندڙن جي ذهنن ۾ نقش ٿي ويندو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پنهنجي سياءَ ۾ سائين ڪوڙل نج شاعراڻو مزاج رکندڙ شاعر آهي. اها به وقت جي ستم ظريفي آهي ته سائين جو ڪتاب (جيڪو گهڻو اڳ اچڻ کپندو هو) سو هاڻي پيو اچي. پوءِ به بيحد خوشي جي ڳالهه آهي ته سائين کي صاحبِ ڪتاب ٿيڻ جو حق حاصل ٿيو آهي. سائين ڪوڙل قربدار جي شاعري جا پنهنجا رنگ آهن. سائين وٽ پنهنجو نرالو انداز آهي. شاعري سان چاهه رکندڙ دوستن جي ذوق کي سائين جي شاعري نئين تسڪين ڏيندي. هي سٽون ڏسو:

او سکي دلڪشون اڻ ميون محبتون،
حور جو پرتوو ڇا مان تشبيهه ڏيان،
زندگي دائمي تو آ بخشي ڇڏي،
تنهنجي مرڪڻ سان منهنجي وڌي زندگي!

سيف نياز

ڳوٺ ٻکيجا/ تعلقو وارهه
13 جنوري 2021ع

٠ مون هن کي بي لوث محبت ڪندڙ محسوس ڪيو

ڪوڙل قربدار، ڪوڙل پنهنجي نالي جي حوالي پل ڪوڙل هجي پر هو پنهنجي ذات ۾ منڙو ۽ قربائتو ماڻهو آهي شاعريءَ سان هن جو لڳاءُ جنم جنم جو آهي جتي به شاعراڻي محفل ٿيندي آهي ڪوڙل پنهنجي اندر جي ڪوڙاڻ قربائتي انداز ۾ فڪري رنگ پيش ڪري محبتون حاصل ڪندو آهي شاعريءَ جي ڪا اهڙي صنف ناهي جنهن ۾ هن طبع آزمائي نه ڪئي هجي هو پنهنجي شاعريءَ ۾ عاشقاڻو مزاج ته رکي ٿو پر هن جي شاعريءَ ۾ سماجي قدرن سياسي قدرن ۽ سنڌ جو درد اوهان کي شدت سان محسوس ٿيندو هو خاص طور تي بي لوث محبت ڪندڙ ماڻهو آهي دوستن سان قرب نڀائڻ لاءِ هر وقت جستجو ڪري ٿو موٽ ۾ هر دوستن جو پيار حاصل ڪري ٿو سائين غريب ماڻهو آهي پر دل جو امير آهي.

مون هن کي بي لوث محبت ڪندڙ محسوس ڪيو آهي ان ڪري هن جي قربائتي ڪچهري ۾ سرور ايندو آهي روايتي اديبن کان مختلف آهي ڪنهن جي نه گلا ڪري نه ڪنهن جي ڪاڻ ڪڍي هن يار کي سادگيءَ جي ڪري ڪيترين تڪليفون آيون هونديون پر پوءِ به ڪلندي ٺاري ڇڏيندو آهي ادبي پروگرامن ۾ سيني دوستن کي ساري ساڻ ڪٺي هلندو آهي ادبي دوستن جو ساٿ نڀائڻ ڪو هن کان سکي. مون ساڻ ماهوار مشاعري جي پهرين محفل کان وٺي گڏ آهي هن جي ساٿ سان محفل جي رونق ۾ اضافو ٿي ويندو آهي مونکي فخر آهي ته هي منهنجي سفر جو ساٿي آهي.

عنايت ميمڻ

بيت ڪوڙل قربدار جا

بيت، سنڌي ٻوليءَ جي قديم شعر منجهان هڪ صنف آهي. جنهن ڪي لڳ ڀڳ ٻه سوَ ورهه عيسوي سن کان اڳ جو ڇيو وڃي ٿو ۽ هن ڪٿا جو سرو پنگل رشيءَ جي تصنيف پنگل ڇند شاستر تان آڌاريل آهي. ڇند وڌيا، شعر جوڙڻ جو فن، علم، هنر جو آڳاٽي دؤر کان هند، سنڌ واري پٽن ۾ وسندڙ لوڪن، قومن جي اظهار جو ذريعو هئا ۽ ان وقت جون گوتائون هن سٽاءَ ۽ ساخت سان واسطو رکن ٿيون. جهڙي طرح علم عروض ۾ اصول ۽ ارڪان ٿين، اهڙيءَ طرح ڇند وڌيا ۾ به آهن، علم عروض ۾ ٽن حرفن وارا ثلاثي، چئن حرفن وارا رباعي، پنجن حرفن وارا خماسي اصول سڏجن ٿا. ان نموني ڇند وڌيا ۾ به هڪ حرفي، ٻه حرفي، اصول ٿين ٿا.
حرف جي اڪائي کي "ڇند وڌيا" ۾ "ماترا" به چوندا آهن.

مثال الف (ا) ۾ هڪ ماترا ۽ "آ" ۾ ٻه ماترائون، ماترا کي مت، متا، ڪلَ، ڪلا به چوندا آهن، مطلب ته ماترائن يا ورنن جي ترتيب گِت (ميلاپ) ۽ يت، يا، دسرام (وقفو) جي اصولن کي جنهن تخليق ۾ رکيو ويو هجي ان کي "ڇند" سڏيو ويندو آهي، ڇند جا ٻه قسم ٿين ٿا هڪ ماترائي، ٻيو ورنڪ. جنهن ڇند جي هر مصرعه ۾ ٻٽيهه ماترائون هجن ان کي عام ڇند ۽ جنهن ۾ ٻٽيهه کان مٿي هجن ان کي "دنڊڪ" ڇيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح "ورنڪ ورتن" ۾ چويهه اکرن يا ورنن تائين عام ڇند ۽ چويهه کان مٿي اکرن واري "رنڊڪ" ڇيو ويندو، ماترڪ "ڇند" جنهن ڇند ۾ ماترائن جو ڳاڻيٽو يا ترتيب ۽ وقفي جي لحاظ کان ڇند جو وزن يا تعين ڪيو ويندو آهي ان کي ماترڪ "ڇند" چوندا آهن. ورنڪ: ڇند وڌيا ۾ بحرن جو ٻيو قسم آهي "ورنڪ" معنيٰ حرفن وارو، هنن ڇندن ۾ رڪنن جي پابندي لازمي آهي. يعني ٻنهي مصرعن ۾ هڪ جهڙا "گن" هئڻ گهرجن. انهيءَ پابندي جي

ڪري فقط ”گر“ ۽ ”لگهه“ ماترائن ۾ مطابقت ضروري نہ آهي، پر حرفن جي تعداد ۾ بہ هڪ جهڙائي هجڻ گهرجي مضمون جي طوالت کي نظر ۾ رکندي هتي ”چند وڏيا“ مطابق ڪجهہ نالا ۽ نشانيون ڏجن ٿيون.

ورن يا اکر: حرف جي لکت واري شڪل کي ورن چوندا آهن جيڪي ٻن قسمن جا آهن (1) لگهہ، يا، لگهو (2) گر، يا گرو هڪ ماترا کي ڪل ۽ بہ اکري رڪن کي درڪل، ٽہ اکري، ترڪل، چئو اکري کي چئوڪل، پنج اکري، پنجڪل، ڇهہ اکري، ششڪل، يا ششٽڪ ۽ ست اکري کي تسپٽڪ سڏيندا آهن، گرو ۽ لگهہ جي بدل سان هنن جا بہ مختلف قسم ٿين.

ماترائن يا اکرن ڳڻڻ جا ڪجهہ اصول (1) گڏيل حرفن کان اڳيون لگهو اکر ”گرو“ سمجهيو ويندو. جيئن ”ارب“ ۾ ا، گرو ليکبو ۽ ب لگهو ٿيندو. جيڪڏهن بہ لگهو گڏ هجن ۽ پويون لگهو ساڪن هجي تہ اهو پهرين کي گرو بنائي ڇڏيندو جيئن ارب يا، ارٿ هنن ۾ وچئين حرف پهرين کي گرو بنائي ڇڏيو ۽ پويون اکر لگهو آهي.

2. جيڪڏهن گڏيل حرف جو پهريون لگهو جنهن تي زور پوندو هجي، اهو لگهو ئي ليکيو ويندو مثلن (توهان جو) ۾ تہ لگهو آهي. چرن: هن کي پد بہ چوندا آهن. هر هڪ ڇند ۾ چار چرن يا پد ٿين ٿا. پهرين ۽ ٽئين پد کي ”وشم“.چرن ۽ ٻي ۽ چوٿين پد کي ”سم“ چرن بہ چوندا آهن. ٻن پدن جي وچ يا آخر ۾ بيهڪ کي ”يتي“ يا ”دشرام“ بہ چيو ويندو آهي، هن بيهڪ جي ڪري شعر ۾ ترنم ۽ پڙهڻ ۾ سهولت ٿئي ٿي، جيڪڏهن ڪنهن شعر ۾ ضروري هنڌ تي بيهڪ يا وقفو نہ آندو ويو تہ ”ڪويتي“ ۽ ”دوس“ يا ”دوش“ يعني ان کي شعر جو عيب سمجهيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ جو انهيءَ ڪري شعر جو رس رچاءُ ختم ٿي وڃي ٿو. ڇند جا قسم: چرن ۾ آيل حرفن جي لحاظ کان مختلف ڇند ٿين ٿا، جهڙوڪ بہ حرفي، ٽہ حرفي، چئو حرفي، پنج حرفي ۽ ائين انيتاليهہ حرفي ڇند ٺائين وڃيو ڇيهہ ٿئي جڏهن تہ بہ بنيادي ۽ مشهور ڇند آهن، دوهو ڇندي ۽ سورٺو ڇند هنن جي سٽاءَ کي تبديل ڪري ٻولي جي استادن ٻيا ڇند جوڙيا آهن.

مٿين سموري ويچار ۽ بحث کان پوءِ اچو تہ ڪوٽل قربدار جي بيت جو فني، فڪري جائزو وٺون جڏهن تہ واضح هجڻ گهرجي تہ بيت جيترو

آڳاٽو آهي، اوتريائي هن فن جا ابا آدم پيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي استادن موجب سومرن جي دؤر کان پاڻ وٽ بيت، بطور هڪ شعري صنف ۽ سٽاءَ ۾ ملي ٿو. سومرن جي دؤر کان ڪلهوڙا دؤر تائين بيت جي سفر ۾ اسان کي هڪ وڏو نالو پڙهڻ لاءِ ملي ٿو جنهن بيت جي پهريان واري خاصيت ئي تبديل ڪري ڇڏي اهو نالو آهي شاهه عبداللطيف ڀٽ واري جو جنهن بيت کي سماجي رنگ ڏنو ايتري تائين جو عام انسانن جي قصن ڪهاڻين، سندن اٺڻ ويهڻ، رسمن، رواجن سان گڏوگڏ پنهنجي وطن جي ڏينهن، ڏورن، وٽن، وٿاڻن، مال، ڌڻن، ڪارين ڪنڌڙين، جو ذڪر اهڙي ته انداز ۾ ڪيو اٿائين جنهن جو مثال دنيا جي سمورن داستان گو شاعرن ۾ نٿو ملي. سندس هن بيت تي غور ڪيو.

هيٺ جر، مٿي مجر، پاسي ۾ وٽراهه،
لڳي اتر واءُ، ته ڪينجهر هندورو ٿئي.

شاهه سائينءَ کان پوءِ ويهين صدي اسان کي هڪ بيو وڏو تخليقڪار ڏنو جنهن سنڌ جي سوين سالن جي ڪسمپرسي، بيوسي، لاچاري، محرومي کي اهڙي ته انداز ۾ ڳايو، ٻڌايو ۽ جاڳايو جو ماڻهن پاڻ کي نوينو محسوس ڪيو ”جيتوڻيڪ پهرين، ٻي عالمي جنگ جا اثر به هئا“. ته برصغير ۾ ملڪ به ٺهيا ۽ نوان فڪر به متعارف ٿيا.
خود سنڌي ادب جو هڪ دؤر ختم پئي ٿيو ته بيو دؤر شروع ٿي رهيو هو. جنهن ڇيو مون ذات انوکي آندي آ، ٿي تند وڙهي تلوارن سان، ۽ اهڙو ڏاهو ذات ڏٺي هو مبارڪ علي شيخ، جنهن پاڻ کي شيخ اياز سڏايو ۽ وڪالت جي سنَدَ به ورتي، ان وڪالت واري ”جرح“ آڏي پڇا جي انداز ۾ سماج جي پاڻ هرتڙن اڳواڻن کان شعر جهڙي نازڪ فن ۾ جڏهن آڏي پڇا ڪندي ڇيو ته

تون ڳالهه ڪرين ٿو زلفن جي، مان اٽين، اٽين وارن جي
تون ڪوڪ سٽين ٿو ڪويل جي، مان پيٽ بکايل ٻارن جي
غير ته آخر غير ئي آهي، غير تي ناهي ڪائي ميار
جا ڳالهه ٿي ماري سا ٿي ماري پنهنجي ديس جي يارن جي.

ها اهو شيخ اياز جنهن جي ڪتابن تي بندش، ڪفر جون فتوائون ۽ ٻيا بہ سرفروشي جا ڪيترائي الزام لڳائي سندس وڏي باغي شاعر هجڻ جو ثبوت ڏنو ويو سندس ﮬ بيت نموني طور هتي پيش ڪجن ٿا.

جنهن مان اياز صاحب جي سماجياتي "شعرن جو پتو لڳائي سگهجي ٿو".

چولو لاهي چٽ ۾ آرس پڳائين،
ڇاتيءَ مٿان پٽ ڪي، گهوري ڏنائين،
پيٽر هنيائين، اگهڻ آيل ڪانوَ ڪي.

ڪوئي ڪوئي رَڪَ ۾ چمڪو چٽنگ سمان
اڄ بہ دودو ڏوڙ ۾ بي ڏڙ دريا خان
اڄ بہ ڪنهن، ڪنهن هانوَ ۾ هوشو جو هيجان
اڄ بہ بلاول ٿو وجهي، گهاڻي ۾ گهمسان
اڄ بہ سامنهن سينگ جي، ڪوئي مڙس مهان
ٿيندي سنڌ سڃاڻ، ويندا ڏينهن ڏٽيڙ جا.

تہ شيخ اياز جي اها وڏي خوبي آهي تہ هو ڪيترن ئي دؤرن جو ۽ هڪ پوري نسل جو سونهون شاعر هو/ آهي.

ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ جڏهن سماج جي اڳتي وڌڻ ۾ "بہ ظاهر" رڪاوٽ محسوس ٿئي تہ ادب ڏانهن رجوع ڪريو ادب توهان کي نيون واٽون نوان گس مهيا ڪندو ۽ روان وقت جي ادب ۾ جڏهن پنهنجي اڳين سماجي استادن "شاعرن، اديبن، مجاهدن، شهيدن، سياسي اڳواڻن" کي پنهنجي شعرن، ڪهاڻين، مضمونن ۾ پيتا ڏيندي جڏهن بار بار اهڙن سورهہ سرويچن جو ذڪر ڪبو آهي تہ سماج تي ان جا هاڪاري اثر پوندا آهن. ۽ ماڻهو هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن. اڄوڪي سائنسي دؤر ۾ بہ پنهنجي قومي اڳواڻن کي تخليقن ۾ ساراهڻ وارو رواج هر جڳهہ تي ۽ هر قوم ۾ موجود آهي "هجڻ بہ گهرجي" ۽ سنڌي ٻولي جي اهڙن هزارين تخليقڪارن ۾ ڪوڙل قربدار جو شمار بہ ٿئي ٿو ۽ ڪوڙل بہ پنهنجي شعر ۾ سنڌ وطن ان جي رسمن رواجن، ثقافتي ۽ تهذيبي اهڃاڻن، سنڌي سورمن،

شاعرن کي پيتا ڏني آهي. مثال طور: ڪوڙل جا ڪجھ بيت هتي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجن ٿا:

مرڪي، مرڪي آءُ، پٽ ڏٽيءَ جي پوڻءَ تي،
توکي ملندو ساءُ، پانڌي پنهنجي پنڌ جو

هي مٺڙا، مٺڙا ٻول، پيارا پڙهه لطيف جا
قربن پريا قول، ريجهي وجهندءِ روح کي.

جيئي بيت لطيف جو جيئي سندس وائي
من، ٻولي نہ ڍائي، اڃان بہ شاهہ لطيف مان

پڙهہ شاهہ، سچل، سامي، ميرا ۽ ڪبير
نقطا بينظير، ارپن سونهن سڳنڌ جا.

ڌرتيءَ سرتيءَ سان، آهي پريت ازلئون،
يا، تڏهن ٿا مرڪئون، مهڪائي ماحول کي

نيٽين ننڊ حرام، جيون جاڳ رهيو
ناهہ پيار پليو سارڻ سوا سپرين.

سنڌي ادبي سنگت، آهہ اسان جي ماءُ،
جنهنجو ٿئي تہ هُگاءُ، سدا رهندو سنڌ ۾.

سنڌالاجي، سنڌ جي، آهي ساهہ پساهہ،
سدا صدين گواهہ، سانڍيون اڇي ساهہ ۾.

ڪوڙل جا پهريان ٻئي بيت سورٺي سٽاءَ ۾ آهن. جڏهن تہ پهريون بيت يارهن، تيرهن ماترائن موجب مڪمل سورٺو ۽ ٻيو بيت ٻارهن، تيرهن، پنجويھ ماترائن تي آڌاريل، روپ ڪانت، چند ۾ سورٺو آهي. ۽ هر هڪ چند جا هڪ ڪان وڏيڪ نالا آهن مگر هت صرف هڪ هڪ نالو ڏنو ويو آهي.

ڪونڌل قربدار جتي شعر جي ٻين صنفن ۾ لکي پاڻ ملهايو آهي اتي هن جا بيت بہ جاءِ والاريندا، جن جا موضوع سادا ۽ سولا آهن، رهي ڳالهہ سندس ڪلام ۾ عقيدت جي تہ شاعر جي عقيدت عام ماڻهن واري ناهي، تڏهن بہ اڄوڪي دؤر ۾ هڪ پڙهي ڳڙهي سجاڻ شاعر وٽ بہ عقيدت هجي اهو چڱو سوڻ ناهي "جڏهن تہ آزاد فڪري محبت ٻي ڳالهہ هجي ٿي"

ڪونڌل جي لکيل بيتن جي ٿورن لفظن ۾ وضاحت ڪجي تہ ڪونڌل سنڌ ڌرتيءَ جي هزارين سالن کان رهندڙ مهذب پڙهي واري فڪري ڌارا يعني قومي ورثي ۽ ان فڪر جو پختو سماجي بنياد وجهندڙ رهنماءَ اڳواڻن، استادن، پيشوائن جي ڪيل پورهئي کان باخبر آهي ۽ جنهن نموني هن پنهنجي شعر ۾ پيئا ڏني آهي تنهن مان هڪ طرف تہ هن سموري سنڌي سماج جي سوچ، خيال، جذبي جي جڙ تہ ترجماني ڪئي آهي تہ ٻي طرف سنڌ جي موجوده عبوري "وقتي" بحران مان نڪرڻ جي جيڪا واٽ ڳولهي لڌي آهي، تنهن واٽ جو ذڪر پنهنجي شعر ۾ فخريہ انداز ۾ ڪيو اٿائين ان جو اندازو پڙهندڙ پاڻ ئي لڳائي سگهن ٿا تہ سندس پاران ڪمايل ٻولي، اکرن، لفظن، جملن، سٽن ۾ ڪيترو ربط رس، رچاءَ، نغمگي بہ آهي يا، نہ؟ هر ماڻهو کي راءِ رکڻ جو پورو حق آهي.

عنايت عارباڻي

مصور آڪاش جو گهر، رتوديرو.

07_11_2019

شاعري جزويست از پيغمبري

شاعر، شعر، شعور هڪ ئي ڪنبي جا لفظ آهن. شاعري قوت احساس Feelings جو بيو نالو آهي. شعر شعور مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي احساس ڪرڻ. حقيقت اها آهي تہ حَسين و جميل تخليات، لطيف معاني ۽ دلڪش نظارن جي احساس کي موزون لفظن جي شڪل ۾ منظوم ڪيو ويندو آهي.

گويا شاعر جو شعر هڪ خاص قسم جو احساس و شعور آهي. جنهن کي بيبن لفظن ۾ ڪٺي ائين ڇئجي تہ موزون ٿئي ٿو. عام ڪلام جي مقابلي ۾ اهو احساس زياده بلند ٿئي ٿو. تہ هن ۾ اتم درجي واري شعوريت جي صفت موجود هوندي آهي. تنهن ڪري شعر شعور بڻيو. شعوري شاعري پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي ماڻي ٿي.

"شاعري زندگي جي ترجمان بڻجي ٿي، انهيءَ ڪري شاعري اهائي ڪارگر ٿئي ٿي جيڪا جذبن، احساسن ۽ امنگن سان گڏ سماج جي اجتماعي زندگي ۽ شعورن جي ترجماني ڪري نہ فقط ايترو جيئن تہ زندگي جا رجحان وقت موجب بدلبا رهن ٿا. ان ڪري حقيقي معنيٰ ۾ شاعري اها آهي جيڪا وقت جي رفتار تقاضائن جي مدِنظر سات ڏئي.

سماج ۽ ماحول ڪليل ڪتاب مثل آهي، جيڪو ان سان ويهي ويچار ويڙهائي ٿو ۽ پوءِ شعر جي زبان ۾ حقيقتون آڏو آڻي تہ اها باريڪ بيني ۽ حساس دل سان مشاهدي جي آڌار تي گهڻو ڪجهہ متاثر ڪري ٿي. بڌندڙ ۽ پڙهندڙ بہ اهڙن ئي جملن کان مائل ٿئي ٿو.

اهوئي سبب آهي جو حقيقت تي مبني شاعري بہ ان کي چئجي ٿو جنهن ۾ انسان جي دل جون دڙڪنون بند ٿيل هجن. هن جي پسمنظر بہ هلندڙ جلندڙ انسان ساهہ کڻندي نظر اچي. جنهن جي فضا ۾ انسان جا ٺهڪ

۽ سڌڪا پڌرا ۾ اچن. رومي جي بقول "شاعري جز ويست از پيغمبري" ۽ شاعر کي (تلاميذ الرحمان) به چيو ويجي ٿو.

ان لاءِ ته شاعر حق ۽ سچ سان پيار ڪري ٿو.ڏاڍ ۽ ڏمر خلاف حق جو نعرو بلند ڪري ٿو. الاهي اسرار ۾ مستغرق رهي ٿو. هن کي پالڻهار جي ڏکي پرولي پيچرا جي ڳُڻتي آهي. هو انسانيت جي لاءِ دل ۾ درد رکي ٿو. شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو جزُ ۽ شاعر کي "تلاميذ الرحمان" فقط ان صورت ۾ سڏي سگهجي ٿو. جڏهن هو حق جو ساٿاري، بااخلاق، شاعريءَ ۾ فڪر جي گهرائي، پاڪيزگي ۽ انسانيت جي ڀلائي لاءِ سوچ ۽ ويچار جا نڪتا شامل ٿيل هجن.

شاعر انسانيت جا پيامبر ته آهن ئي پر سڀ کان اول هو قوميت جا پيامبر هجن ٿا. ٻن ڳالهين جي خيال کان هڪ ته هو پنهنجي قوم سان ان جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائن ٿا. ۽ ٻيو ته هو سڀ کان وڌيڪ پنهنجي قوم کي انسانيت جي راهه تي اڳيرو ڪن ٿا."

شاعر شعور جوڙي ٿو جو شعور کي جنم ڏئي ٿو. شعور به عام حيات جيان نه پر خاص ٿئي ٿو. جو علم، ادب، اُنس، ڏرتيءَ کي سنواري ٿو. هي شيءِ نه صرف سمجهه سوچ کي وڌائي ٿي، پر سست ۽ سٽل قوم کي جاڳائي کين تيار ڪري پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ ڪڙو ڪري ٿي. اهڙي طرح ان حقن ونڻ ۾ شاعر واٽ جي لاٽ ٿئي ٿو. جنهن معاشري ۾ شعور هوندو ات ناانصافي جو سج لٿل هوندو حق انصاف جو مان مٿاهون نظر ايندو.

جت امن ۽ خوشحالي هوندي اتي هرڪو پيو موجون ماڻيندو. جيئن پيغمبر ماڻهن کي هدايتون ڏئي ڪري سڌي واٽ ونائن ٿا. تيئن انهن جي شاعر پوئواري ڪري پنهنجي شاعري وسيلي عام کي سجاڳ ڪندا رهن ٿا. شاعر جو شعر رستو آهي ۽ ان تي هلندڙ مسافر منزلِ مقصود تي پهچي وڃي ۽ جوڙيندڙ اتي ئي رهجي وڃي.

اسان جي سنڌ سونهاري شاعريءَ ۾ زرخيز آهي ۽ شاعرن جو تعداد به چڱو چوکو موجود آهي. علم ادب جا ڪل پنج ٿنڀ جن ۾ تخليق، تحقيق، تنقيد، ترجمو تنظيم شامل آهن.انهن مان تخليق جو عمل تمام دقيق آهي جيڪي هي شاعر حضرات ڪندا رهن ٿا.

ان سلسلي ۾ اسان جو "ڪوڙل" وري مٿان "قربدار" هن سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هن ڪي شاعري، علم ادب ۽ ڌرتيءَ سان جنون جي حد تائين لڳاءُ آهي. تنهن ڪري علمي ادبي ڪم ۾ اڳ کان اڳرو رهي ٿو. نه صرف اڳرو رهي ٿو پر هر ادبي پروگرام ۾ شامل ٿي پنهنجي شاعري پيش ڪري داد حاصل ڪري ٿو.

عجيب ڳالهه چئجي جو ايتري چاهت، جو نه سيارو ڏسي نه سانوڻ نه مينهن نه واءُ صرف ڪوٽ ڏيوس جي "صاحب جي ٽلهي" تي پروگرام ٿيٽو آ. ته انشاءَ الله سڀ کان اڳ اتي موجود هوندو. نه صرف موجود هوندو پر شاعريءَ جا چار پنج اسم به ساڻ هوندس.

سندس سوچن جو محور سنڌ صرف سنڌ ڌرتي ۽ انسانيت آهي. تنهن ڪري هن جي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ ۽ انسانيت سان عشق ڪي اوليت حاصل آهي. هونئن به "ڌرتيءَ جي محبت ايمان جو جز آهي." پر ڪوڙل قربدار ۾ اها حب، سڪ، بدرجه اتم موجود ملي ٿي.

ڪنهن شاعر جي بقول:

من تو شدم تو. من شدي،
من جان شدم تو تن شدي،
تاڪس نه گويد بادزي،
من ديگرم تو ديگري.

مالڪ سائين ڪيس ان سڪ ۽ حُب ساڻ سلامت رکي جيئن قلم جي جوت جُلندي رهي. سندس نموني طور شاعريءَ مان ڪي شعر پيشِ خدمت آهن:

ڌرتي سرتي سان آهه پرت ازلئون،
ياءُ تڏهن ٿا مرڪڻ مهڪائي ماحول کي.

جيئي شاهه سچل، جيئي تو سامي،
جيڏا فڪر عوامي، جُڳ جُڳ جيئي سنڌ جو.

جيئن سَرَ مان ڳيپ، نسري ٿين نروار،
تيئن تنهنجو پيار، رڳ رڳ مان اڀري پيو.

نيڻن منجهہ ساٽيهہ جيان، سهڻي صورت هي،
جوت جاڳائي ٿي، نس نس ۾ او ميان.

سهڻي منهنجي ڌرتي، سهڻو واهڻ واهہ،
سامي، سچل شاهہ، مرڪن پيا هن ديس ۾.

منظور سولنگي
سولنگي ڳوٺ/لاڙڪاڻو
11 نومبر 2020ع

من جي مراد

آءٌ وڏو خوش نصيب آهيان، جو سنڌ ۽ بلوچستان جي قديم ۽ جديد شاعرن اديبن ۽ ادب پسند دوستن جي سامهون داد ڏيان ٿو ۽ وٺان ٿو.

شاعري اندر جي ڪيفيت جو ٻيو نالو آهي، جنهن ۾ مزاحمت، رومانس، نطرت جا ڳجهه ۽ تاريخ جا پرتوا موجود هوندا آهن. اُها شاعري صدين جيئندي آهي.

پيرل قنبر ساهت سنگت لاڙڪاڻي جي باني هجڻ باوجود 2013ع ۾ استاد پيرل قنبر جي فن فڪر ۽ شخصيت تي ڪتاب، "پيرل قنبر تخليقڪارن جي آئيني ۾" ترتيب ڏيئي، منظرِ عام تي آندو. جنهن جو مهورتي پروگرام "پيرل قنبر ادبي سنگت شهدادڪوٽ" جي شاعرن، اديبن ۽ ادب پسند دوستن ڪيو.

آءٌ هينئر پنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب "احساس عاشقيءَ جو" جنهن ۾ نعت، بيت، گيت، غزل، نظم ۽ آزاد نظم شامل آهن.

هن ڪتاب ۾ منهنجي اهڙي به شاعري شامل آهي، جيڪا مختلف سنڌي ڪتابن/رسالن ۾ شايع ٿيل آهي.

اوهان پڙهندڙهڪ نقاد جي نظر رکو ٿا، ڪتاب "احساس عاشقيءَ جو" منهنجي ميٺڙي چونڊيءَ جو پورهيو آهي، مگر "احساس عاشقيءَ جو" منهنجي دل جي حسرتن جو آواز آهي ۽ اميد آهي ته اوهان کي پسند ايندو.

مون تي خاص مهربانيون استاد پيرل قنبر، اديب، شاعر نقاد سرمد چانڊيئي ۽ سنڌي ادبي سنگت قنبر شاخ جون آهن، جن قلم کي صحيح لکڻ جي سگهه ڏني، انهيءَ بنياد تي مون کي ادبي تنظيمن ايوارڊ ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا آهن.

هيءَ ڪتاب ”احساس عاشقيءَ جو“، اوهان سڄڻن، شاعرن، اديبن، ۽ ادب دوستن کي دل جي گهراين سان پيش ڪيان ٿو جن مون تي دل کولي لکيو ۽ مون کي پيٽائون ڏنائون، ۽ ٿورائتو آهيان، بخاري پبليڪيشن لاڙڪاڻي جو جنهن منهنجو ڪتاب ”احساس عاشقيءَ جو“ ڪمپوز ڪيو ۽ مهربانيون مُرڪ پبليڪيشن ڪراچيءَ جون، جنهن هن ڪتاب کي شايع ڪري پذيرائي ڏني، ۽ خاص ٿورا نثرنگار نظام الدين ڪلهوڙي، شاعر بلال بروهي، جانب سومري، عنايت عارباڻي ۽ نديم شيخ جا، جن ڪتاب جا پروف ڏٺا.

سائينمر! سدائين ڪريم مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.
(شاهه)

سنڌي ادبي سنگت قنبر شاخ جو اڳوڻو ڪائونسلر ۽ سيڪريٽري

ڪوڙل قربدار
25 سيپٽمبر 2021ع
03463492744

مختصر تعارف

چنيءَ جو نالو: ذوالفقار علي
پيار مان: ڪوڙل
ادبي نالو: ڪوڙل قربدار
(پيار مان استاد پيرل قنبر طرفان مليل تحفو)
ذات: سمون
جنم: 15.02.1971
پرائمري تعليم: جهنجهه تعلقو قنبر
ڏهين جماعت: هاءِ اسڪول پنهو خان چانڊيو تعلقه ميرو خان
ٻارهين جماعت: اورينٽل ڪاليج شاهه لطيف قنبر
بي اي ۽ بي ايڊ: شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس
ڪرت: پرائمري استاد (01 نومبر 1990ع کان)
لکڻ جي شروعات: 1988_1989ع
شاعريءَ ۾ استاد: استاد پيرل قنبر ۽ سرمد چانڊيو
ڇپيل ڪتاب: 1. "استاد پيرل قنبر تخليقڪارن جي آئيني ۾" (ترتيب)
2. احساس عاشقيءَ جو (شاعري)
گڏيل شاعريءَ جي ڇهن ڪتابن ۾ ڇپيل مواد
ايندڙ ڪتاب: نثر جو ڪتاب ٽيبل تي.
تعلق: سنڌي ادبي سنگت قنبر شاخ جو اڳوڻو ڪائونسلر ۽ سيڪريٽري
۽ پيرل قنبر ساهت سنگت لاڙڪاڻو (باني)
مستقل رهائش: ڳوٺ فيض محمد بجيراڻي / حاجي گولو خان چانڊيو
موجوده رهائش: ميان يار محمد ڪالوني لاڙڪاڻو.
موبائيل: 03463492744

اظهر سمون

شاعري

نعت

محمد ﷺ غلامن جي توڙي غلامي،[1]
ستن آ سمونڊن ۾ ٻوڙي غلامي.

هدايت صداقت امانت سندس آ،
اسان جي رڳن مان هي روڙي غلامي.

غلامن جي ٻيڙي جو ٻيڙاءُ تويہ،
پڇي ڏسو انهن کان جنهن لوڙي غلامي.

نہ ڪو فرق عربي نہ عجمي رکيائين،
انهي ريت عربيءَ اوکوڙي غلامي.

فضا ٻي غلامي جي پابند نہ آهي،
اٿو پاڻ کي چو وکوڙي غلامي.

شعورن جي دشمن ڪُتي ذهن ڪورا،
هجي تي هميشہ هٿوڙي غلامي.

زماني سدائين ڪري وار ڦهري،
اسان جي تہ ذهنن تي توڙي غلامي.

نياڳن کي نروار ٽيندي ڏٿوسي،
اچي پاڻ جانب جهجهوڙي غلامي.

هي "ڪوڙل" حقيقت جو ڪلمو پڙهي ٿو
جهانن جي آقا نپوڙي غلامي.

❊

1. جيڪب آباد ۾ لفظ مليل



آهن بيت لطيف جا صراط المستقيم،
هرهڪ ذهن سليم، پرکي شعر شعور سان.

جيئي بيت لطيف رحہ جو جيئي سندس وائي،
من ٻولي نہ ڏائي، اجان بہ شاهہ لطيف رحہ مان.

جيئي شاهہ سچل جيئي ٿو سامي،
جيڏا فڪر عوامي، جُڳ جُڳ جيئي سنڌ جو.

هي منٺڙا منٺڙا ٻول، پيارا پڙهہ لطيف جا،
قربن ڀريا قول، ريجهي وجهندءِ روح کي،

جيڏا شاهہ لطيف آ، ٻرهہ جو پيغام،
دائم ڏئي دوام، توکي پنهنجي سوچ جو.

*

علم ادب جو مرڪز منڙا پٽ ڏٺي،
تنهن لئه سڪ گهٽي، سدا منهنجي ساهه ڪي.

مرڪي مرڪي آءُ، پٽ ڏٺي جي پوڻ تي،
توکي ملندو ساهه پانڌي پنهنجي پنڌ جو

پرتئون آيا پاڻ، ڍڪي ڍول ڍلايون،
منهنجون سڀ اوٽايون، محبن معاف ڪيون.

محبن معاف ڪيون، ڳل ڳرانڙي پائي،
ڇڏئون روح ريجهائي، ڪوڙل اڄ قربائتن.

ڪڙيا ڪنٺهار سرهي ٿي سنڌڙي،
چوڌر ٿي چمڪار جرڪيو جيون عام جو.

❁

ڪوڙل قربائتن، جيارو اڇي جيءَ،
پري ڏنائون، پيءُ پرتؤ پيالا پيار جا.

جيئن سَرَ مان ڳيپ، نسري ٿين نروار،
تيئن تنهنجو پيار، رڳ رڳ مان اپري پيو.

نلهو نڪر نونڙو، سڏجان ٿو بيڪار،
کهڙو ڪيان ويچار، ڪاريگر ڪنيار جو.

پنهنجو اندر پاڻ، ونڊبن ورچن عام سان،
سي ئي سونهن سجاڻ، جن جي دل درياءَ جان.

پنهنجي هٿ وڍي جو ناهي ڪو اعلاج،
تڏهين سامراج، هرهر حملا ٿو ڪري.

❊

راڻي سواءِ روح، جيئن ڪو خالي ٺانءُ،
مون تي تنهنجو نانءُ، اڪريل آهي ازل کان.

هوڏانهن ڏسو هو، جانب جا جلوا،
ڪنوٽن جا ڪجڪا، هرهر مرڪن ٿا پيا.

ڪيا ڪنوٽن ڪيچ، جهومر ٿي ڏرتي،
سرتين سان پرتي، سرتيون اونهي ساهه ۾.

اُچي ڪي جيئن آب جي، سدا سڪ سبيل،
تنهنجي هيئڙي هِيلَ، جرئتون بخشون جيئڻ جون.

ڏرتي سرتي سان آهه پرت ازلئون،
يا تڏهن ٿا مرڪئو مهڪائي ماحول کي.

❊

هاءِ حياتي منهنجي گذري ٿي ائين،
جانب منهنجا جيئڻ، ساهہ سدائين مُٺِ ۾.

هيءَ حياتي منهنجي مرڪي ٿي پَئِي،
اکڙين ۾ ڪيئي، عڪس اوهان جا سپرين.

جرئت. ساڻ گذار ڇڏي مايوسي،
ڳالهيون دقيانوسي، هاڻ نہ ڪر اي سپرين.

هرهڪ ادا تنهنجي، جڻ ڪو آهہ غزل،
ميلو آهہ مٿل، هرهر ٽُنهنجي سونهن جو.

هاڻ نہ هاريندو ڪر، اڳتي وڏي آءُ،
تہ توکي ڏرتي ماءُ، سانڍي پنهنجي ساهہ ۾.

❁

ٽُنهنجي ڏسڻ لئہ، منهنجي دل مشتاق،
توريءَ ناهي ٽاڪ، منهنجي نيڻن ڪي ٻيو.

ڪنهن جي پيچڻ تي، پاڻ چيائون مرڪي،
سنڌ مان اچي پئي، ٽڌي هير هڳاءَ جي.

اول آ انسان، پوءِ مذهب آهِہ،
ٻسڙ ۾ نہ ڏاهِہ، رِنڌَنِ واري رَنڌَ ڪي.

چندب اوفراٽي جيان، بينو آهہ مٽان،
هرهر پيو ٿو پسان، ٻُڪَ ڪيو بيزار آ.

آهي نار نرالو ناز هي محبوباڻو
راڻي ۽ راڻو سدا جرڪن جڳ ۾.

❋

سهڻي منهنجي ڌرتي، سهڻو واهڻ واهه،
سامي، سچل، شاهه، مرڪن پيا هن ديس ۾.

نيڻن منجهه ساٽيهه جيان، سهڻي صورت هي،
جوت جاڳائي تي، نس نس ۾ او ميان.

جيئڻ جا جيڏي، گيت ڳائي تي،
عشق جاڳائي تي، سدا سهڻل يار جو.

رهيا آهن روح ۾، صدين جا سوداءَ،
پيار سندا پڙلاءَ، چوڏس چمڪيا چاهه جا.

هڪ هٿ ۾ چيڙي، ٻي ۾ يڪتارو،
منهنجو وجود سارو سنڌ ڪيڏارو تي ويو.

*

اوجاڳا اجاريا، منهنجا اڇي تون
هاڻي کهڙو پئي موت مئي جو ڪيان.

منهنجي نيڻن ۾، تنهنجو ئي تصور،
هيڏو آءُ سفر، طئي تڏهن آ ڪيو.

سنڌالاجي سنڌ جي، آهه ساهه پساهه
سدا صدين گواهه سانديون اڇي ساهه ۾.

سنڌي ادبي سنگت، آهه اسان جي ماءُ،
جنهن جو ئي تہ هڳاءُ، سدا رهندو سنڌ ۾.

واسيا سرت سڳنڌ، غور فڪر جا گُلَ،
هِتي هُتي هُلَ، پنهنجي هيج هڳاءَ جا.

❊

تنهنجو مذهب ماڻهپو تنهنجو مذهب پيار،
فرقن کان بيزار، تنهنجي جوت جڳ کان.

جيئي پيار پوڄا، جيئي سونهن سچ،
ڇڏ ڪڙايون ڪچ، ته نوان لايون نينهنڙا.

پڙهه شاهه سچل، سامي، ميرا ۽ ڪبير،
نقطا بينظير، ارپين سونهن سڳنڌ جا.

نيڻن ننڊ حرام، جيون جاڳ رهيو
ناهه پيار پليو سارڻ سوا سپرين.

❁

مرڪ محبت پيار سڀ لڳ آ خوشي حُسنِ عمل.[1]
پاڻ کي ٻين لڳ ارپڻ زندگي حُسنِ عمل.

چنڊ تارن جا تي چمڪي چمڪا ڏئي تاريخ پئي،
سون ورني سونهن سوير آ عيان جنهن ۾ رهي،
موتيا رابيل گل قل روشني حُسنِ عمل.

نانءُ پيارو پنهنجي چپڙن ۾ اکڙين تي رکي،
روز ڇا دم دم ريجهايان ٿو اندر جي ٻار کي،
عشق منهنجي من جو سمجهو يا ڏٺي حُسنِ عمل.

هر اکر هر لفظ تنهنجو نور ورنو آ رهيو
آ زبان شفقت ڀري ۽ پيار جنهن ۾ اڻ ميو
گفتگو شيرين زبان ۽ دلڪشي حُسنِ عمل.

سچ لڳ هٿ مچ ۾ پوندا رهن ٿا هرگهڙي،
دار تي دم دم چڙهڻ لڳ عاشقن جي ڏم دڙي،
مرڪندي ٿا عشق ماڻن دائمي حُسنِ عمل.

جنهن جي خيالن جي اڳيان محبوب جو تصور رهيو
سو ته مستو مست عاشق عشق ۾ رنگجي ويو
آ مليو تحفو انهن کي سروري حُسنِ عمل.

محبتن جي مئڪدي ۾ ڪيف "ڪوڙل" کي مليا،
جام تي ٿو جام ڏوڪي راز ڪيپن جا کُليا،
مئڪشي ارپي اچي اڄ تازگي حُسنِ عمل.

❊

1. صحبت پور بلوچستان ۾ "حُسنِ عمل" لفظ مليل.

ٻاٽ ۾ ٽي روشني ڪيون،
واٽ ۾ ٽي لاٽ جان ٻرون.

ساٿ تنهنجي ڪان سوا پري،
وڪ ڪٽي سگهان نہ هڪ ڪري،
اٿ اٿي تہ هٿ ۾ هٿ ڏيون.

زندگي نہ پوڳ سمجھ تون،
ونڊ ورڇ يار محبتون،
ڪر ڦٽي اندر جون نفرتون.

نئين نسل جا قرضي هون اسان،
اڄ جيئون جيئڻ جي جھد سان،
ڇو سهون دنيا جون تهمتون.

سنڌ جو اکر اکر هڳاءُ،
جنهن جو روح سامي، سچل، شاهہ،
سچ پڇو تہ خوش نصيب هو

راهہ آ ڪنڊائتي گهٽي،
پار ڪرٽي آهِ ڪر ڪٽي،
ڏار ”قربدار“ جرئتون.

❊

مان سدا اداس ٿي رهان،
آس جي صليب تي لڙان.

جيئن چڪور چنڊ ڏي تڪي،
روحَ تيئن سِڪ پئي ڳنڍي،
جو تہ عاشقاڻي دل رڪان.

دل اسان جي ڳيرڙيءَ جيان،
باز جي نظر آ جنهن مٿان،
روز ٿي مري مري جيئان.

تون اکين ۾ روشني جيان،
توسوا نہ ڪجھ مان آهيان،
ڇا مثال پيار جو ڏيان.

تون وڏو گناهہ ٿو ڪرين!
منهنجو مُٺ ۾ ساهہ ٿو ڪرين!
ڪَڻ اکيون شهيد مان ٿيان.

سنڌ سونهن سونَ ورني آ،
جنهن جو دين ڌرم پارسا،
پيار محبتن جو آستان.

SOORIH SINDHI ADAB

ظلم جو پهاڙ پار ڪر،
اُت اُتي ٻني تون وار ڪر،
جيئن ڏڏي وڃي هُو آسمان.

خوشگوار ٿي فضا وڃي،
پيار جي ٿي ابتدا وڃي،
مان ٺري ٺري ”ڪوڙل“ ٺران.

❊

SOORIH SINDHI ADAB

اسان سنڌ واسي امن جا پوڄاري،
صدين کان سڄاڻپ رهي آهي نياري

اسان ڪين تڪرار نفرت ڪا چاهيون،
اسان پيار واري مٽيءَ جا ته ماڻهون،
اسان وٽ آ ٻولي سدا ٻاجهه واري

اسان جا ابا ڏاڏا پڙڏاڏا هتڙي،
ويا چنگ چوري محبت جا هتڙي،
اسان جي جڳن کان آ ڌرتي سوياري

ڀٽائي، سچل، سامي، قلندر اسان جو
ڪارونجهر ۽ ٿر لاڙ ڪينجهر اسان جو
ڪراچي کان ڪشمور ساري پيونءِ پياري

آيا ڏينهن ساڳيا محبت جا ساڳيا،
سُهائي جا خطبا سڄاڳيءَ جا خطبا،
ٻڌو سڀ سنڌي اڄ ڪيون ڪا هوشياري

سدا ٽوپي اجرڪ پهراڻ جيئي،
هي جوين جواني ۽ ڳاڙهاڻ جيئي،
رهي سنڌڙي آ سدا سونهن واري

سنڌو ماٿري جا اڇو سڀ جيالا،
سڏايون سين کي صدين جا حوالا،
ڪئي سنڌ سان آهه ڪنهن ڪنهن غداري

ڪٽان ڪهڙا ڪهڙا غدارن جا نالا،
تاتارن جي پوٽن پوتارن جا نالا،
ڪئي پنهنجي تاريخ تن آهه ڪاري

سونا سنگ تاريخ پيدا ڪيا هن،
هي اڻ موٽ اڙٻنگ پيدا ڪيا هن،
رکي جنگ جوڌن جوانن آ جاري

اسان پنهنجي منزل کي ماڻڻ گهرون ٿا،
هتي هاڻ تبديلي آڻڻ گهرون ٿا،
اٿي پئي آ "ڪوڙل" سنڌي قوم ساري

❊

پيار ڏي تون پيار ڏي اجان،
ٻؤ نہ تو تي تنهنجي پيار مان.

تون پريمي پيالا پُر ڪري،
پنهنجي ڏي هٿن سان منَ پري،
جام جام جام جي مٿان.

ڪائناتي مرڪ تي پٺون،
پيار جا ڪي ورق تي پٺون،
تي ويجون تاريخ جي زبان.

تنهنجو چهرو آهہ لاجواب،
جيئن منهنجو دلپسند ڪتاب،
مان اکين چپن سان پيو چمان.

ڏک سکن جي سونهن تي پون،
جي دليون ٻہ پاڻ ۾ ملن،
خوش اسان جي دل جو تي جهان.

چٽ پيار جو جي تي پوي،
زندگي صديون پو جِي پوي،
"قربدار" تي پوي جوان.

❋

وایون

لالڻ! ليئڙو پاءِ،
منهنجو هينئڙو تو وٽ وڃي.

ڪيف ڪڪوريل مڌ پريا،
نيڻ جهليو هڪ جاءِ،
منهنجو هينئڙو تو وٽ وڃي.

سونهن صحيفا ٻول سندءِ،
هر هر تون ورجاءِ،
منهنجو هينئڙو تو وٽ وڃي.

سهڻي ۽ ميهار سنديون،
وايون ڪي ورجاءِ،
منهنجو هينئڙو تو وٽ وڃي.

توسان هٿَ ۾ هٿُ هجي،
جُڳ جُڳ ساٿ نڀاءِ،
منهنجو هينئڙو تو وٽ وڃي.

نيڻن جي تہ اشارن سان،
پيار پرولي ڳاءِ،
منهنجو هينئڙو تو وٽ وڃي.

گلڙن جي مهڪار جان،
”ڪوڙل“ قرب ورهاءِ،
منهنجو هينئڙو تو وٽ وڃي.

❋

جيوَن سارو سُور،
کهڙِي اک سان اکِ لڳي!

اکڙين کان اوجهل رهيو،
کوهين ساءُ سرور،
کهڙِي اک سان اکِ لڳي!

ماڻهوءَ کان ويو ماڻهپو،
کيڏو ٿي آ ڏور،
کهڙِي اک سان اکِ لڳي!

خشڪ زبانون ٿي ويون،
ذهن ٿيا معذور،
کهڙِي اک سان اکِ لڳي!

ڪوئل جو ٿيو آلاپ آ،
دردن سان ڀرپور،
کهڙِي اک سان اکِ لڳي!

"ڪوڙل" جي احساس ۾،
تتل آهه تنور،
کهڙِي اک سان اکِ لڳي!

❊

مجبورن سان چو
هيڏا هاجا تا ٿين؟

ريٽو رت سان ٿي ويو
سنڌڙيءَ جو نقشو
هيڏا هاجا تا ٿين؟

مظلومن جا، دوستو
ڳوڙها روڪي ڪو!
هيڏا هاجا تا ٿين؟

اندر وارو وِيو مري،
ناهي سو لهجو
هيڏا هاجا تا ٿين؟

لمحي لمحي ڳرب آ،
منظر مقتل جو
هيڏا هاجا تا ٿين؟

ڏيمون ڏيمن جي مٿان،
ٻيڻن جو وڪرو!
هيڏا هاجا تا ٿين؟

”ڪوڙل“ جو اونداهه ۾،
ورنائي سڌُ ڪو!
هيڏا هاجا تا ٿين؟

❊

ايڏو پيارا ڇو

وٽندو وٽندو تو وٽندو تو وجي..!

معصومن جي مُرڪ جان،
گل خوشبوءِ جهڙو

وٽندو وٽندو تو وجي..!

تنهنجي تر ۽ ڳوٺ جو
ماڻهو من هرڪو

وٽندو وٽندو تو وجي..!

تنهنجي نيڻن جو قسم،
سات تِرَ ڳل جو

وٽندو وٽندو تو وجي..!

تنهنجي ڇهري تي پرين،
پهرو زلفن جو

وٽندو وٽندو تو وجي..!

تو جو ”ڪوڙل“ کي ڏنو
محبت جو تحفو

وٽندو وٽندو تو وجي..!

❊

مرڪون آٿيان ڪٿان،
ڳوڙهن ۾ تو پڇان،

پورا پورا جيون ٿي ويو.

يادون تنهنجون پنهنجي دل ۾،
سانڍيو ٿو سانڍيان،

پورا پورا جيون ٿي ويو.

جيون جاڙون ٿو ڪري،
حال ونديان ڪنهن سان،

پورا پورا جيون ٿي ويو.

تنهنجون ساري ساروٽيونِ،
سڏڪي ٿو سڏڪان،

پورا پورا جيون ٿي ويو.

درد وندي هن ديس ۾،
تڙپي ٿو جيئان،

پورا پورا جيون ٿي ويو.

آءُ جدائي ۾ پيو،
وهه جون وٽيون پيئان،

پورا پورا جيون ٿي ويو.

جيءَ جڏي جو دارون "ڪوڙل"،
کهڙي ريت ڪيان،

پورا پورا جيون ٿي ويو.

❊



کڻ توں ساري پنهنجا پير،
رک نہ ڪنهن سان پيارا وير.

مَن ۾ سڀ لئہ الفت ڏار،
گهر توں سڀ لئہ ذڪرِ خير.

دل تي توسان چاهي جهومڻ،
پائي پيرن ۾ پڻ ڇير.

نفرت ڪينو ڪاوڙ ۽ ٻيو
دل مان ڪڍ توں ڪوري مير.

منزل ماٽي وٺبي "ڪوٺل"،
شاهد رهندا ڏنگ دلير.

❊

ڏي تون ڏکن جا بار سدائين سهندس جرئت سان،
ڪو نہ ڏوراپو توکي ڏيندس ڪڏهن نفرت سان.

جهول جهليا ٿم تنهنجي اڳيان شوقن تحفا ڏي،
درد پيڙائون ڪاوڙ مان نہ پر ڏي محبت سان.

عاشق خالص تنهنجو آهيان ٻي جو ٿيان ڪافر،
تنهنجي قرب جا ڪلما پڙهان ٿو روز عقيدت سان.

آئيندي جو سوچ اي "ڪوڙل" ڇڏ ڪي خدشا پيا،
مقصد جو تون جيئڻ سک ڙي جيءَ صداقت سان.

❋

عاشقي عشق جي گفتگو هرجڳهه،
جوت لئہ جيءَ کي جستجو هرجڳهه.

ڪائناتي حُسن کي ڇهڻ لئہ پرين،
روح ۾ آ رهي آرزو هرجڳهه.

سنڌ آڇي پئي هي هڳاءَ ڪالهہ کان،
موتئي مهڪ جي نازبو هرجڳهه.

پيار تي پيار کي تو ورهايان پيو
ٻول ڳائيندي تيا سرخرو هرجڳهه.

مڌ نيڻن ۾ اوتيل رهيو آ سدا،
جام تي جام آ دوبدو هرجڳهه.

ڇو نہ سجدا ڪيان سونهن ساگر اڳيان،
روز "ڪوثل" ملي خوبرو هرجڳهه.

*

قربدارن جي ڪچهري جو مزو پنهنجو پرين،
پيار الفت جن جو موضوع آ رهيو گفتو پرين.

روز محفل ٿي مچي ۽ چاهه چس رس ٿو رچي،
سونهن سچ سرهاڻ جو جت ٿو وڏي درجو پرين.

درد وارن جون اکيون مئي نوش هر هر ٿيون ٿين،
ڏس مرڻ ۽ ڏس جيئڻ جو ناهي ڪو ڪنڪو پرين.

ڏس مئخاني جا تون جلوا مڏ پياڪا ڏڪ پري،
پنهنجي پنهنجي دلربائن سان جهومي هرڪو پرين.

عاشقيءَ جو سنتون "ڪوڙل" پيو پوريون ڪري،
روز ڳائڻ ۽ وڄائڻ عشق آ پنهنجو پرين.

❋

پيار مرڪائي ٿو جيءُ جرڪائي ٿو
چوڏهين چنڊ جان چاهہ چمڪائي ٿو.

واسنائون ڏي ساھہ سرھا ڪري،
گل گلابي جيان من کي مهڪائي ٿو.

عاشقاڻو لطف ارپنا ٿو ڪري،
دل ديواني ڪري دل کي جهومائي ٿو.

کهڪشائن مٿان پير پنهنجا ڌري،
نينهن ناچو بڻي ڇير ڇمڪائي ٿو.

ڪنهن حسينا اڳيان پيالا پرتئون پري،
هو ڏسو عاشقو ڪيئن نہ ڇلڪائي ٿو.

ويس گيڙو ڪري ساز هٿ ۾ کڻي،
جوڳي ٿي جوءِ کي هو تہ جاڳائي ٿو.

ساھہ سٽ سٽ ۾ جوتي جو اوتي پرين،
پونئر پوپٽ ميڙي تن سان ڳالهائي ٿو.

لعل هيرا ۽ گوهر ڪري جاءِ هڪ،
سونهن جو فلسفو ڇا تہ سمجهائي ٿو.

❊

نہ ٽو وٽي نہ ٽو وٽي سڪون پُرسڪون ڪو،
جوان پل جوان من لڇي لڇي لڇي پيو.

اوهان جي عشق جا هزار داستان دل اندر،
سليا ڪنهن سان مان وچي اهڙو سڄڻ سجهي نہ ٿو.

ڦٽن تي لوڻ ٻرڪي پيو پري پري پري وري،
سماج روز شوق سان، اکيون ٻوٽي سهان پيو.

لِڪان لڇان اوهان لئہ پيو اوهان جي مان شعور لئي،
هٽو ٽا موت ۾ پٽر جهالتن جا دوستو.

ڇڏي جڏهن ويندس ڪندو پوءِ ڇئو پڇڻ گهٽي،
هيو ڇڳو ڇڳو سبق ڏئي ويو شعور جو.

جيئن منو منو سڄڻ تيئن منو ساٿيھ آ،
ٻنهي لئہ آ قلم علم ڪڏهن رکيو نہ منهنجو ڪو.

اسان حسين نگاهہ کي ڪڏهن ڪان آڇو خون آ،
اسان کي گيت هو امر آڇي پئي ڏسي نہ ٿو.

❊

گلڙن ۾ گلزاري آهي،
موسم ڏاڍي پياري آهي.

جيتي جيون جيڪا پئي تي،
خوشبوءِ سان چوڌاري آهي.

هر گل تي ٽا موتيا مرڪن،
شبنم جي وسڪاري آهي.

دلڪش منظر موهن من ٽا،
تنهنجو صدقو جاري آهي.(1)

ذرتي جي واڪاڻ ڪيان ڇا،
سونهن سراسر ساري آهي.

جنهن جو جوڀن سورنهن سالا،
”نينهن نوائي ناري آهي“.[1]

جيڪا جيوت عشق نوائي،
سا تہ سماج لئہ ڪاري آهي.

مذڪر توڙي مونث جي دل،
جرئت وارن ٿاري آهي.

ساهت سنگت جيجل جهولي،
ٻولي ٻاجهہ پٽاري آهي.

تنهنجا لهجا تلخ ٻڌي اڄ،
چوٽ لڳي ڪاپاري آهي.

❊

1. طرح عنايت عارباڻي

ڪڻ اڪيون ۽ ڪل تماشاگاھ ۾،
پيار جو ڪيو هل تماشاگاھ ۾.

ميڙُ ماڻهن جو بيٺو آ منتظر،
ڳالهيون پنهنجون سل تماشاگاھ ۾.

درد پنهنجو ڳاءِ دل هلڪي تہ ڪر،
رک ميرا جي دل تماشاگاھ ۾.

ناز پرور آھ منم روز شب،
مچ صدا ڪي مل تماشاگاھ ۾.

هو وسائن ٿا پٽر ٿي بي خبر،
تون وساءِ ڪي گل تماشاگاھ ۾.

عشق ٽڌڙي هير ناهي او پرين،
باھ جو ٿي ٻل تماشاگاھ ۾.

سنڌ سيني سان لڳائي پئي ٽڌهن،
ٿي پتنگ جان جل تماشاگاھ ۾.

❋

نظر نظر ۾ خمار اوتون اسان رهون ٿا تڏهن تہ گم سم،
خزان جي رت ۾ بهار اوتون اسان رهون ٿا تڏهن تہ گم سم.

پريان ڏسو هو عجيب منظر گلابي ٻوٽو ڪڙي پيو آ،
هڳاءَ ۾ هن هزار اوتون اسان رهون ٿا تڏهن تہ گم سم.

اسان جي دنيا آزاد دنيا اسان نہ ڄاڻون فساد فتنو،
اسان جي دنيا ۾ پيار اوتون اسان رهون ٿا تڏهن تہ گم سم.

پريم پيالا پيئون جيئون ٿا گهڙي گهڙي ۾ خمار آهي،
اڪيون اڪين ۾ خمار اوتون اسان رهون ٿا تڏهن تہ گم سم.

اسان جي محفل سدا متل آ خوشي جا لمحا رسن وسن ٿا،
اسان جي دل ۾ ٽي تار اوتون اسان رهون ٿا تڏهن تہ گم سم.

اسان تي "ڪوثل" ميار ناهي محبتن ۾ ٻڏل رهون ٿا،
جوان رت جون هزار اوتون اسان رهون ٿا تڏهن تہ گم سم.

❊

چڪور جهڙيون اکيون اوهان جو گلابِ چهرو اسان ٽا چاڻون،
حسين مرڪون اوهان جي مک تي شباب چهرو اسان ٽا چاڻون.

شراب وانگر خمار بخشي نگاهہ تنهنجي آ مدِ ڪتورا،
اسان رندن کان پڇي ڪو جانان شرابِ چهرو اسان ٽا چاڻون.

حسين مصور حسين قدرت بنايو جنهن آ حسين توکي،
اسان لئہ درشن طواف ڪعبہ ثوابِ چهرو اسان ٽا چاڻون.

هي سينڌ تنهنجي سدا آ معطر وهي ٿو خوشبو سندو ڪو درياءُ،
هڳاءُ ڦهليو ڦلي پيا پڙنرا عنابِ چهرو اسان ٽا چاڻون.

نہ هڪ "ڪوڙل" جي دل شڪستہ هزار عاشق مري مرن ٽا،
ڪيف اکڙيون سياهہ قاتل حجابِ چهرو اسان ٽا چاڻون.

❋

ستم ستم تي پيا سهون ٿا،
اڃان ته جڳ ۾ ڏکيا جيئون ٿا.

زبان هيئنان نه سچ رکون ٿا،
ڪلم ڪلا سڀ چٽي ڏيون ٿا.

وجود آ انقلابي ٿي ويو
لطيف، سامي، سچل پڙهون ٿا.

عذاب ۾ جو رکيو ويو آ،
تڏهن هميشه لڇون پڇون ٿا.

نه غيرتن جي تميز جن کي،
اسان انهن جي آري رهون ٿا.

حسينيت جا سپاهي آهيون،
تڏهن ته حق لئه لڙون وڙهون ٿا.

اسان ته "ڪوڙل" پٽر هون پورا،
ڪڏهن ٻهون ٿا ڪڏهن ٿهون ٿا.

❊

زندگي تہ پيار تي گھري،
پيار پُرُ وقار تي گھري.

جيءُ جيءَ ساڻ جوڙ تون،
ياڪرن جو هار تي گھري.

درد جو پھاڙ آ مٿان،
دل تہ هلڪو بار تي گھري.

مرڪندي حيات تي گذر،
مل سدا بھار تي گھري.

تي قريب ڪان قريب تون،
ڪا وٺي نہ وار تي گھري.

سنڌ تُنھنجي تُنھنجي سات سان،
پئي وفا شعار تي گھري.

❊

تنهنجو چهرو چمن اکيون منهنجون،
توکي سجدا ڏين اکيون منهنجون.

تنهنجي مُکَ جي مٿان تہ پوئرن جان،
واس وٺنديون رهن اکيون منهنجون.

پوپٽن جي پرن جيان ريشم،
تنهنجو نازڪ بدن اکيون منهنجون.

پيار جي تشنگي لڄائي ٿي،
توڏي تڏهين ٻڪن اکيون منهنجون.

مرڪ آڇي هزار صديون ٿي،
انتظارن ۾ هن اکيون منهنجون.

مئکدي ۾ پيار ساقيئڙا،
جام ڏي ڏي گهرن اکيون منهنجون.

سنڌ ڌرتي جي سونهن جو منتظر،
سچ ڏسندي ٺرن اکيون منهنجون.

گوري ڳل جي مٿان وري "ڪوڙل"،
ماڪ ٻڻجي وسن اکيون منهنجون.

❊

زندگي مرڪي گذاريو آ حياتي مختصر،
نيڻ نيڻن ۾ نهاريو آ حياتي مختصر.

جي اچي مشڪل گهڙي مشڪل ڪشا بڻجي پئو
پاڻ جيئو ۽ جياريو آ حياتي مختصر.

جام تي ڏي جام ساقي مست تي ماحول پئي،
در تان سائل ڪين ٽاريو آ حياتي مختصر.

عشق توڙي جنگ ۾ هر چيز چئجي ٿي روا،
سگ سگهان ڪين ساريو آ حياتي مختصر.

تير ۽ تلوار کان زياده زبان جو آ اثر،
دل جي مئلن کي نہ ماريو آ حياتي مختصر.

دل جي ڪعبي ۾ اجان ڪعبي ڏٺي موجود آ،
حوصلا پنهنجا نہ هاريو آ حياتي مختصر.

❊

تنهنجي تصوير ڇا ته آئي آ،
دل جي خاني ۾ جا سجائي آ.

تنهنجي سجدي ۾ سر جهڪيو پيو آ،
پل نه هڪڙو ۾ واندڪائي آ.

ڪيف ڏاران ڇُلي پئي ٻوڙي،
مئڪدي مان ٽي جڙ ته آئي آ.

پيار پوتر ڪتاب وانگر آ،
جنهن جي سٽ سٽ ۾ روشنائي آ.

پيار جي پيچرن مٿان هلندي،
سوز سڪ جي تو ڳاتي وائي آ.

روح ۾ رلجي آ وئي سهٽي،
ساھ رت کان ٻه ويڇهڙائي آ.

سنڌ هيرن جي کاڻ آ "ڪوثل"،
جنهن ۾ سامي، سچل، پٽائي آ.

❊

آ ضرورت پيار جي، جي پيار هر گهر تي پوي،
زندگي جو هر پهر پوءِ بارآور تي پوي.

خاڪ مان ٿا گل ڦٽن ۽ گل ورهائن واس کي
هر نگاهِ ناز لئہ رنگين منظر تي پوي

ڪهڪشائن تي قدم پنهنجا رسي ويندا پرين،
سڀ سٽائي ٿي وڃي جي عشق رهبر ٿي پوي[1].

زندگي ميراث آهي وقت جي ۽ وقت هي،
دربدر رولاڪ آ شل دوست دم ڀر تي پوي.

ڏينهن ڇا هفتا مهينا سال ٻہ مرڪي پون،
مرڪ ڇپڙن تي سجائي يار ياور ٿي پوي.

پيار سنڌڙي جو مقدر ۽ سڪندر ٿي پوي،
ڪيٽي ڪان ڪشمور تائين مرڪ محور ٿي پوي.

جام تي ڏي جام ساقي مست ٿي جهومان نچان،
تنهنجي محفل ۾ هيءُ "ڪوڙل" اڄ قلندر ٿي پوي.

٭

٭ روهڙي ۾ طرح مليل

سونهن تنهنجي غضب غضب جانان،
تنهنجو گهورڻ الائي ڇا معنيٰ.

تنهنجي نيڻن جي قيدخانن ۾،
ڪيئي ڦٿڪن پيا هي ديوانا.

ڇو وَسايان وڃي ٻيا در مان،
نيڻ تنهنجا مٺا ٻہ مئخانا.

ڪير مصري سندي تون گهاگهر آن،
ڏڪ پريان پيو ٿو نيرانا.

تنهنجو درشن تہ چنڊ چانڊوڪيون،
تنهنجو مرڪڻ تہ پرهہ جا پئمانا.

محبتون محبتون هجن "ڪوڙل"،
شال قائم رهن هي ميخانا.

❋

اسان جي خوشي پئي نچي تي اڱڻ تي،
مٺي اڄ سينگاريون اچي تي اڱڻ تي.

وڏي قرب وڙ ۾ وڏي محبتن مان،
مٺي پير پنهنجا رکي تي اڱڻ تي.

گلابن جي خوشبو جو مهڪيل هٿن ۾،
ڏيڻ تحفو دل سان اچي تي اڱڻ تي.

ستارن جي پوشاڪ پهري بدن تي،
اجهي رات راڻي لهي تي اڱڻ تي.

ڪري آڏو آئينو مرڪي تي هرهر،
اشارن ۾ دل ڏي وٺي تي اڱڻ تي.

ڪري هار ٻانهن جا منهنجي ڳلن تي،
مٺن تي مٺيون ڏئي چوي تي اڱڻ تي.

هي مستي جواني جو پيمانو ڇلڪي،
پرين ساڻ جو مئڪشي تي اڱڻ تي.

ڪڙيو ڪيت مهڪي آ خوشبوءَ جو "ڪوڙل"،
هي ڦولار ميندي پڇي تي اڱڻ تي.

❊

نينهن جي نگاهہ سان نهار،
ٽار ٽار دل اسان جي ٺار.

مئڪدي وڃان تہ ڇو وڃان،
جام ڏي نيڻن جو تار تار.

تون سدا بهار گل جيان،
بيقرار ڪي سدا ڪيڪار.

تنهنجي آ جواني پيار جي،
رک نہ ٻن اکين ۾ تون ترار.

پيار محبتون سدا جيئن،
نفرتن کي سمجهان ٿو مان گار.

جا ٿهي نہ "قربدار" سان،
دل نہ اهڙي يار ڏار ڏار.

*

حَسين منظر حَسين مرڪون حَسين جلوو نمائي محفل،
بهار موڪيو گلاب مهڪيا ڪيڏي نہ خوشبوءِ رسائي محفل.

پيار پوڄا ۾ سونهن سچ جا حَسين تصور چٽيا مصور،
وضو سنياري غزل پڙهن ٿا غزل انهن جي رچائي محفل.

اڪيون اڪين سان ملي وٺن ٿيون منيون مٺن تي ڳلن ڳٽن تان،
اداس نيٽن ڪي سونهن سوپيا هميشہ آهي چمائي محفل.

اسان جي دنيا آزاد دنيا اسان نہ ڄاڻون فساد فتنو
اسان امن جا پڪي مسافر اسان امن جي سڏائي محفل.(1)

ڪتاب پوتر جو روح ۾ آن رسالي پٽ جي وجود جهڙو
پڙهان ٿو ورقن جا ورق ساري قرار جي دل خدائي محفل.

اسان نہ سنڌڙيا سنڌوءَ جا عاشق اورانگي باهيون اچون ٿا ڪيئي،
اڪيون اڪين ۾ ملائي ڏس تون اسان آ ڪيئن ملهائي محفل.

لطيف اڳيان ڪراڙ ڍنڍ تي اياز ويهي قرار ماڻيا،
گلاب رابيل تازيون مکڙيون ڪمال آهي هڳائي محفل.

نظر نظر ۾ جوان رت آ جوان رت جو نشو الڳ آ،
پيئون جيئون ٿا پيار پياليون خمار آهي پلائي محفل.

ڏنم صبح جو چمن ۾ بلبل ڪري پيو تنهن سان گلاب محفل،
حجاب وچ ۾ رهيو نہ "ڪوڙل" هئي تہ ڪا باوفائي محفل.

❋

❋طرح استاد سرمد چانڊيو

شوخ نظرون نہ ڪڻ ناز وارا پرين،
گھائبيون سَوَ دليون هاءِ پيارا پرين.

زلف رخ جي مٿان ائين پھرو ڏين،
جيئن ڪنھن ڏن مٿان نانگ ڪارا پرين.

مان اڪيلو نہ هان تنھنجي اڳيان جھڪيا،
ٿا سلامي ڀرن چنڊ تارا پرين.

تيز ترني جيان تنھنجا جلوا پرين،
نت نوان ٿا ڏين پيا ڏيکارا پرين.

حڪم تنھنجو ٿئي سِرُ بہ حاضر ڪيان،
دل وساريا ڪٿي سي اشارا پرين.

منتظر ماهہ رخ جو رهان هر گھڙي،
سڪ جي ڪر عنايت نيارا پرين.

جيءَ "ڪوثل" جو جھرندو رهيو درد ۾،
ڪر دوا درد جي جيءَ جيارا پرين.

❊

زندگي مختصر همسفر ساٿيو
پنهنجي اڳتي وڃو ڪا نظر ساٿيو

ڇا ويو ٿي گذر ڇا پيو گذري اڄ
حال ماضي رهيو آ حشر ساٿيو

نفرتون دل اندر ڪين سانڍي رکو
پاڪ الفت رکو هر نظر ساٿيو

ديس جا دلبرو سوچيو لوچيو
ڇا هلي قوم سان ٿو جبر ساٿيو

دل ۾ جي ٿا پٺائي سچل کي رکو
پوءِ ڪيئن ٿا رهون دربدر ساٿيو

ظلم پاڙان اکيڙڻ اگر ٿا گهرو
شينهن وارو هجي پو جگر ساٿيو

محنتن سان هجن محبتون هم قدم
پوءِ ناهي پري هيءَ سحر ساٿيو

يار "ڪوڙل" اکيون شل پسن آجپو
رات ڏينهن آ اهوئي فڪر ساٿيو

*

سڪ پيار تنهنجي ۾ زندگي گذاريان ٿو
دل-مريض الفت آ تنهن کي پيو جئاريان ٿو.

دل کي آ پريشاني ساھ ٿو سٺون ڪائي،
روز ڪانگ تنهنجي لئہ آس ۾ اڏاريان ٿو.

درد هجر آويءَ ۾ پيو پڇان ۽ پڄران ٿو
تہ بہ نہ دل لڳيءَ ڪان دم هانءُ پنهنجو هاريان ٿو.

عشق نانگ ڪاريهر عشق باھ جو گولو
درميان محبت جي هي حياتي گهاريان ٿو.

گهاو گهاو تي گهرا زخم تي پيا تازا،
تنهنجو نانءُ وننديءِ مان تن ڦٽن کي ناريان ٿو.

عشق جي خنجر تي مان ساھ ٿو ڪٽان وينو
ڇا ڪيان لڳي دل جي پرت پنهنجي پاريان ٿو.

دل دماغ "ڪوڙل" جي ٿو رهين تون نس نس ۾،
رت جيان ٿو ڊوڙين تون، توکي ڪيئن وساريان ٿو.

❊

زماني جا ڏسو ڦيرا ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا،
جيئن درياءَ جا ويرا ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

ڪري ڪٽ ڪير اي سائين اسان جا هوش اڏرن ٿا،
ڏيو ٿا ڏيک ڏهہ ٻيرا ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

ميارون مان ڏيان ڪنهن کي مٺا تون پاڻ ڄاڻين ٿو
رقيبن جا سوين ڇيرا ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

هلي ٻيو دور ائٿم جو ٿيو هوشيار اي ساٿيو
ٿين غيرن جا پيا گهيرا ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

ڪڏهن هاڪر ڪڏهن نهڪرطبيعت يار جي چنچل،
عجيبن جا عجب ڦيرا ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

پرين تو پرک جي خاطر، رچائي راند "ڪوڙل" سان،
وٺيان ٿو ورهہ جا ڍيرا ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

❊

انسان پيو ڳولي انسان ڪٿي آهي،
هن تنهنجي نگريءَ ۾ تو ماڻهپو ٻاڏائي.

دهشت سان ٻري پئي آ، دنيا ته سڄي تنهنجي،
آ خوف وتو منظر، هر جيءَ پيو ڳهائي.

معصوم حياتيءَ جو ڪو فڪر نه آ ساٿي،
احساس مري ويو آ احساس ڪٿي ناهي.

روڊن جي مٿان لاشا، تڙپن ۽ لڇن . اڄ ٻيءِ،
ڪربل ڪان اڳي ڪربل هر روح تي تڙپائي.

هي ڳيرو امن جو ڪٽ پَرَ ساهي ڪٽي ساهي،
بي چين سڄو ٻيلو ورڻ ورڻ تو پيو ورجائي.

تاريخ جا اٿلائي هي ورق خدارا ڏس،
مقتل ۾ وڃي آخر، هي سچ به چڙهيو ڦاهي.

اهڙي ته رَوِش جا تون، الزام نه ڏي مون تي،
سر جي ته صدا سر ۾ گهر ڪنڌ ڏيان لاهي.

صدين جو سڪون سانڍي، هڪ ڪنڊ ۾ رکيون "ڪوثر"،
ارمان سيئي دل جا هڪ لحظي ۾ وڃ لاهي.

*

زبان تي آ لڳل تالو وڏي اندوهہ ماري هان،
اندر ۾ ٿا پون وَڏَ هي، گهران حق تي تہ ڪاري هان.

دُڪان تي مان پراڻي پيندڙ جان، هر روز آوي ۾
وئي چوٽي بہ چاندي تي، مگر پو بہ ڪنواري هان.

حياتي ڪهڙي آ پنهنجي عذابن سان لڏم لائون،
جيئڻ جهڙو جيئڻ ڪاٽي، سراپا آهہ زاري هان.

نڙي تي لَتَ سبيل چپڙا دَبيل دانهون دکي دل ۾
اندر محشر متل آهي، مگر بابل کي پياري هان.

سزا تي تي سزا پوڳيان، سوا ڪنهن ڏوهہ جي هردم،
خدا توکان پڇان تي ڇا ايڏي ڏوهن ڏوهاري هان.

متان گهبرائين اي "ڪوڙل" ڇئي ڏي سچ سدائين تون،
ستايل هان سماجن جي، وڏي ظلمات ماري هان.

❊

اوهان جي عشق جو غلبو جڏهن دل تي بپا تي ٿو
قسم تنهنجو انهيءَ پل خودبدن ڪيئي حصا ٿئي ٿو.

رواجن رسم ريتن کان ٿي باغي تون بغاوت ڪر،
بشر جو ويس جنهن پاتو دنيا کان سو جدا ٿئي ٿو.

ٿئي مجذوب ۽ مجنون جنونِ عشق تنهنجي ۾،
ڪٿي سوئي وڃي ٿو جو اوهان جي در فنا ٿئي ٿو.

حَسينن جو نگاهون دل مريضِ عشق جو مرڪز،
بڻائن ٿيون حقيقت ۾ اُهوئي بي بها ٿئي ٿو.

رهن ماتام جا نقشا سدا آليون اکيون تن جون،
جيئڻ اهڙو جيئڻ ان جو جيئڻ جنهنجو وفا ٿئي ٿو.

ڇڏيو جو تخت رانجهن هير جي خاطر رُليو در در،
برهه جي بادشاهي ۾ تونگر پي گدا ٿئي ٿو.(1)

خدا جي خلق جي خدمت هجي اولين اي "ڪوثل"،
ڪري جو دل و جان سان ٿو اِهو جيون بقا ٿئي ٿو.

❊

1. طرح استاد پيرل قنبر

جنونِ عشق جو پيتو جني پر جام آ پيارا،
ٿيو روشن زماني ۾ انهن جو نام آ پيارا.

ڪيائون ترڪ دنيا کي پري جن سُرڪ سِڪ واري،
ٿيا مدهوش جن پيتا صبح ۽ شام آ پيارا.

ٿيا مخمور مجنا پي محبت پيار جا پيالا،
وتو سمجهي تني خالص عشق انعام آ پيارا.

حقيقت کي وجي پهتا، ويا ٿي عبد مان عاشق،
هنيون تن نفس پنهنجي کي عشاقن دام آ پيارا.

چڙهي ڦاهي ٿيا منصور سينگارئون عشق جي سولي،
انلحق جو هنيون نعرو ڪِلي تن عام آ پيارا.

اسان کي ڪٿ پلنگ ۽ سيج تي آهي سڪون "ڪوڙل"،
"تني جو مئي صراحيءَ ۾ رکيل آرام آ پيارا."[1]

❊

1. طرح استاد پيرل قنبر

عشق تو تن من گهمائي ”چارسو“،[1]
راز دنيا جا پسائي چارسو.

حُسن جو معراج ماڙيان تو پيو
هاڪ پنهنجي کي پکڙائي چارسو.

ڪيئن ٻوليان توکي مان افلاڪ ۾،
هي مٿي مخمور آهي چارسو.

سچ سمورو پاڻ آهين يار تون،
روح تو نغما رچائي چارسو.

لب گلابي ڏند تنهنجا موتيا،
ساهہ خوشبوءِ تو هڳائي چارسو.

فلسفو تنهنجو آ لاثاني رهيو،
تنهن جا هرهڪ گيت ڳائي چارسو.

ناهہ ”ڪوڙل“ يار ڪنهن هڪ جاءِ تي،
هُنَ جي صورت تي سڏائي چارسو.

❊

1. چارسو: جيڪب آباد ۾ رديف لاءِ مليل لفظ

ٿي رات اونداهي آ،
مون جوت جلائي آ.

هر شخص ڏني مون کي،
اڄ پيار وڏائي آ.

مرڪن جو متو ميلو
گلڙن ۾ سهائي آ.

مئخاني مان ٿي آيس،
پيتي جو سوائي آ.

جرئت سان رکي سنگت،
وک يار وڏائي آ.

هن پيونءِ پلاري ۾،
سڪ سرس سوائي آ.

ڪو غير نہ چئي مون کي،
سيني لئہ سچائي آ.

سڏ يار ”ڪوڙل“ پنهنجو
دنيا تہ پرائي آ.

❊

لوڏ اهڙي دلربا دلدار جي،
ميس وئي هر مهلقا جي مارجي.

آ گذر ٿيندو جڏهن دلبر جتان،
سمجهه ات ويا مشڪ عنبر هارجي.

هُتِ زليخان سرتيون مدهوش ٿيون،
هِتِ هزارين سِرَ ويا پڙ وارجي.

جت پٽر دل پيي ويا بيهوش ٿي،
ڇا تہ آيو هو سجڻ سينگارجي.

ناز مان نظرون ڪٽي جنهن ڏي ڏنئي،
هئي نہ حاجت تير ۽ تلوار جي.

ان قدم پنهنجا مبارڪ جت رکيا،
ات مشعلا ويا هزارين ٻارجي.

ڪو بہ ورلي ڪو نہ ٿو مون کي ملي،
ڇا ڏيان تشبيهہ مان سرڪار جي.(1)

صحن "ڪوڙل" جو آهي مهڪي پيو،
پت رکي پياري پرين اقرار جي.

*

1. طرح استاد پيرل قنبر

شمعدانو ڪٽي اڳتي وڌو اڳتي قدم اڳتي،
جهالت جون پٽي پاڙون ڪٽي ڪوڙيو علم اڳتي.

اٿو استاد سڀ گڏجي اونداهي کي پڃايون ڏور
صبح جي روشني وانگر رکو ثابت قدم اڳتي.(1)

اسان جو فرض بڻجي ٿو ڪيون گهر گهر وجي روشن،
ٻاريون ڏيئن مٿان ڏيئا ڪندو قادر ڪرم اڳتي.

علم شهرت علم دولت علم زينت بہ بخشي ٿو
محبت پيار ۽ سڪ جو اڃان پيي آ پرم اڳتي.

علم انسان کي انسانيت جاڳڻ سيکاري ٿو
فضيلت باادب اخلاق ڏاهپ دم بدم اڳتي.

محد کان لحد تائين علم جي لاٽ ٻاريون ڪا،
علم سان ئي ٿيٽو انسان کي آ محترم اڳتي.

چيو جبرائيل مرسل ﷺ کي اچي اقراء جي آيت ۾،
اوهان جو عرش ۾ آهي حقيقت ۾ قلم اڳتي.

گلن جهڙن ننڍن ٻارن کي "ڪوڙل" علم سيکاريو
اسان جي ان ۾ عظمت آ ڪيون اهڙو عزم اڳتي.

❋

1. طرح استاد روشن رمز

سنڌ ثقافت زنده باد،
پيار محبت زنده باد.

قرب ڪچهريون قائم دائم،
سڪ سلامت زنده باد.

سنڌ سموري سون سهاڳڻ،
آهه زراعت زنده باد.

ڏينهن ۽ رات الاهي درشن،
آهه عبادت زنده باد.

مومل مڪلي منڇر ڪينجهر،
روح جي راحت زنده باد.

هاري ناري ڪلهي ڪانيون
محبت محنت زنده باد.

پورن ڀلاري شاهه جي وائي،
انس عقيدت زنده باد.

شاهه سچل ۽ سامي اياز
شاهه عنايت زنده باد.

❊

صدين کان اجاگر رهي سنڌڙي آ،
امن جو مٺا گهر رهي سنڌڙي آ.

پئون پيا پريمي پيالا هميشہ،
پيا ڪن جو ساگر رهي سنڌڙي آ.

ڇڏي وير ڪينو ۽ تعصب پنهنجو
سموري هي ڀاڪر رهي سنڌڙي آ.

سدا سونَ ورني جهجهو گنج ڏيندڙ
جُڳن کان برابر رهي سنڌڙي آ.

ڏسو ڪولي تاريخ واضح ڪري ٿي،
اصل کان بهادر رهي سنڌڙي آ.

ڪنيون ڳرُ بينو آ موهن دڙو ڏس،
ثقافت نشابر رهي سنڌڙي آ.

جتي آهي سهڻي تہ ميهر بہ آهي،
سچو عشق برسر رهي سنڌڙي آ.

قلندر پٽائي، سچل ۽ هو سامي،
عُشاقن جو آڳر رهي سنڌڙي آ.

جتي علم دولت ڪان آهي مٽانهون،
ادب جو سمندر رهي سنڌڙي آ.

ٿَريچن سندا ٿاڪ مولا وسائي،
فقيرن جو گهر تر رهي سنڌڙي آ.

سَرو لاڙ ڪاڇو وچولو بہ ”ڪوڙل“،
سندا ننگ پرور رهي سنڌڙي آ.

❋

سنڌڙي سونَ ورني سهاڳڻ متي،
چوڏهين رات جان سونهن تنهنجي چٽي.

تنهنجا منظر ڪيڪارن سان آچن پيا،
هي امن پيار جا چانورا دلڪشي.

گفتگو تنهنجو مئي جا پيري جام ڏي،
ٻول ورجاءِ تون پنهنجا سانئڻ سخي.

لعل، هيرا ۽ موتيا ڏِني ڪالھ ڪان،
تن شمع تي اچي آ ڏني روشني.

جيڪو الهام تنهنجي تو طرفان ٿئي،
سو بيان تو ڪريان ڪيئن رڪان ساهمي.

خيال تنهنجو اکين ۽ چپن تي رکي،
منزلون پنهنجو طئي تو ڪريان سانوري.

❊

پيڙ ٻاهه نفرت وسايون اڇو
قدم قرب وارا وڌايون اڇو.

اڇو ماءُ جيجل جا ماڻڪ اڇو
پري تيج سرڪيون ملهايون اڇو.

رُتيون لاڪ لويون تہ جيجل سنديون،
اها سڪ سيني سمايون اڇو.

منا ٻول ٻولي ملهايون وطن،
چڙي سپ ڪڙايون ڪچايون اڇو.

جمالا ۽ مورا غزل گيت پي،
اڇو ٿا تہ ڳايون وڄايون اڇو.

قلندر جون دم دم ڌمالون وڄن،
نچي ساٿ سارو نچايون اڇو.

يڻائي جي وائي بہ ويراڳ آ،
تنبوري جون تارون تپايون اڇو.

اڇو سنڌ ڌرتي جا ڇايا اڇو
وري ڌرتتي کي ڌمايون اڇو.

❊

پرين تنهنجي پريتن جو اسان تي پرتوو آهي،
اهو معلوم هر گل کي ۽ هر پن کي قصو آهي.

خدا جي هن خدائي ۾ اسان جي ٻي خدائي آ،
نچون جهومون ٿا مستن جان انوکو هي نشو آهي.

نہ واعظ روڪ پيئڻ کان اسان ڄاڻون خدا ڄاڻي،
اسان جو ڪم ازل کان ئي پيئڻ سان ئي پڪو آهي.

نگاهن سان نگاهن جو هيم پرباش ٿي پيتو
نشو سو نينهن وارو ڪنهن کي ڪنهن دم لٿو آهي.

متان مي کي چوي ڪوڙو امر آهي تہ امرت کان،
نہ دنيا جو نہ عقبيٰ جو اسان کي ڪو پتو آهي.

ڏنل تنهنجي تہ نيڻن ۾ ادائن جو سلو آهي،
رهان مخمور ٿو تڏهن پيتل پيارا جهجهو آهي.

ڪٿي آ ابتدا ان جي ڪٿي آ انتها ان جي،
اُڪو اظهار الفت جو نہ مون ڄاتو نہ تو آهي.

ڀٽائي ۽ سچل سامي رهيا هن روح جا رهبر،
ڏنو جن روح پنهنجي سان هميشہ سوجهرو آهي.

SOORIH SINDHI ADAB

اڇو سڀ پار پڇايون مٿي مارڳ مِڙي مانجهي،
بتيلو آس جو اوريان گرڙ ۾ جو گتو آهي.

سياڻن ۽ سجاڳن آهہ سمجهايو سماجن کي،
ڀلارن ڀل ڀليرن کان پيو ٽيندو ڀلو آهي.

عشاقن عارفن جو هي عقيدو ۽ اشارو آ،
محبت ساڻ قائم زندگي جو سلسلو آهي.[1]

سدائين سونهن سچ جو رهيو رشتو امر آهي،
زبان تي قربدارن جو اهو تائم قصو آهي.

هتان هو هوجمالا پڻ هليا آهن جوانن جا،
اجان سچ سرت سعين جو نہ هو هرگز لٿو آهي.

جبل جهر جهنگ جهاڳي نيٺ منزل تي وڃي پڄبو،
اسان جي جوش جذبي جو جوان "ڪوڙل" جٽو آهي.

❊

1. طرح روهڙي ۾ مليل

SOORIH SINDHI ADAB

راتيون ڪاريون ڪاريون ني،
آءَ تہ ڏيئا ٻاريون ني.

پٿر پٿر سان ٽڪرائي،
پنهنجي جان پِگهاريون ني.

ڏيئن مٿان ڏيئا ٻاري،
ڏور ڪيون انڌاريوني.

تنهنجو منهنجو بهتر ٿيندو،
ايندڙ وقت سنواريون ني.

ٻہ تہ ٻارنهن آهہ حقيقت،
سات سگهارو ساريون ني.

هڪبئي جا اڄ عاشق بڻجي،
پنهنجو پاڻ جياريون ني.

مايوسن جي ڪُنَ ۾ چوڙي،
هي حياتي گهاريون ني.

*

وڃي مي پياڪن کي پاسو ڏبو آ،
رکڻ روح پنهنجو نہ تاسو ڏبو آ.

نگاهن کي آڇيو نگاهن آ مرڪي،
پيري پرت پيالو مٿا سو ڏبو آ.

اها خاص خوبي عشاقن ڏسي آ،
محبت جو پيغام خاصو ڏبو آ.

اِهو آهہ قانون الفت وارن جو
ڪڏهن دل رکڻ لئہ دلاسو ڏبو آ.(1)

خوشين جا خزانا خراري نہ ڏي پر،
محبت جو مرڪي ڪو ماسو ڏبو آ.

سچل، شاهہ، سامي ۽ اياز وانگي،
سبق سونهن جو ئي خلاصو ڏبو آ.

ڪيو قرب "ڪوڙل" سان ڪنهن پرقرارو،
اچي يار هڪ ڏينهن پاسو ڏبو آ.

❊

1. طرح روهڙي ۾ مليل

سڪ سوز منجهان توکي سنڀاليان ٿو سدائين،
ٽانڊن تي جگر جان جلايان ٿو سدائين.

ڪر شوق پورو شوق سان ڏي درد اچان پيو،
هي جهولي اڳيان تنهنجي وڇايان ٿو سدائين.

هن عشق جي آتش جون اُٿن چٽڻگون هزارين،
هي چٽڻگون زبان ساڻ اڏايان ٿو سدائين.

هي وقت خزان جيئن ڇاٽي ماس هڏن تان،
هن وقت ويري ساڻ نڀايان ٿو سدائين.

منصور ۽ سرمد سان ڪيان پيٽ ڪهڙي مان،
آوي ۾ رهي پاڻ پچايان ٿو سدائين.

هن سنڌ سڳوري سهاڳڻ جو وٺي ساٿ،
منزل ڏي وکون پنهنجون وڌايان ٿو سدائين.

استاد رکيا پير ها ٽانڊن تي اگهاڙا، [1]
سي ٽانڊا چپن کي مان چمايان ٿو سدائين.

تاريخ لکي پنهنجي اندر جي مان هي ”ڪوڙل“،
ماٺهن کي وري پاڻ ٻڌايان ٿو سدائين.

*

1. استاد پيرل قنبر

بي قدرن جي آ محفل ۾ گلدان جو آخر ڇا ٿيندو
حيوان تہ آ حيوان مگر انسان جو آخر ڇا ٿيندو.

تحقيق محبت جي ڇا ڪجي هي پيار پرين جو پاڇو آ،
هي وقت وفا جو دشمن آ دل جان جو آخر ڇا ٿيندو.

مجنون تہ سدائين مجنون آ بي دردي ڪي ڇئہ قدر ڪري،
بيهوش اچي ويو عاشق جي ميدان جو آخر ڇا ٿيندو.

هي رند اُهي ئي آهن پر ساقي تو سڪائي سرڪن لئہ،
مئخاني ڪان جو موٽي ويا پئمان جو آخر ڇا ٿيندو.

بيمار ويچارن ڦٿڪن ٿا بي موت مري جي هي اٿندا،
درمان تہ رهندو شيشن ۾ لقمان جو آخر ڇا ٿيندو.

هر روز نئين ٿي آس اٿي هر روز پرين تو ياد پوي،
جا آڳ ٿي پڙڪي اندر ۾ ارمان جو آخر ڇا ٿيندو.

هي دهل دماما دنيا جا خوش ڪو نہ ڪري سگهندا ”ڪوڙل“،
جي ذڪر نہ ٿيندو پيارن جو ايمان جو آخر ڇا ٿيندو.

❊

چاھ جي چمڪي چٽي چانداڻ آھي "چارسو"[1]
عشق جي ايري عجب اجراڻ آھي چارسو

عشق اربي عاشقن کي عاشقي عرفان لئہ
حق حقيقي سان ھڳيل ھڳساڻ آھي چارسو

زھد رک تون ذھن ۾ ھي ظاھرين سي ذڪر ڇڏ
سالڪن لئہ سڪ سچي سرھاڻ آھي چارسو

پرتوا استاد پيرل جي پريتن جا اتم[2]
پرت جو ٽيو اربنا پھراڻ آھي چارسو

دلبريون دلدار دلبر جون مليون ٿم دم بدم
موجزن ھي محبتي مھراڻ آھي چارسو

شاھ سامي يا سچل کان پيچ بلھي باھو کان تون
آدميءَ جي عشق جي اجراڻ آھي چارسو

قربداريون قرب وارن قرب سان "ڪوڙل" ڪيون
ھرگھڙي ھروقت سان واڪاڻ آھي چارسو

❊

1. چارسو: جيڪب آباد ۾ رديف لاءِ مليل لفظ
2. استاد پيرل قنبر

”ڪيئن ٿيو منهنجو گذر مون کان نہ پڇ“[1]،
ها وڇوڙي جو اثر مون کان نہ پڇ.

آنءُ ڏکن يا ڪي سکن ۾ ڪاٽيان،
زندگي جو تون سفر مون کان نہ پڇ.

آ پڇڻ تنهنجي تي نڪتي سرد آھ،
تون اڃان ٿي بي خبر مون کان نہ پڇ.

درد ڪي پيارو لڳو ڪيڏو نہ هان،
ڪيئن ڇڏيندو سو پڇر مون کان نہ پڇ.

نيڻ منهنجا رت هٺان سنگدل ڏسي،
تون هٺي دل تي پٿر مون کان نہ پڇ.

جي نہ ”ڪوڙل“ تي ڪرين تو ڀروسو
آءُ ڇيري ڏس اندر مون کان نہ پڇ.

❊

1. سنڌي ٻوليءَ جي مشهور رسالي ”نئين سوچ“ طرفان مليل طرح.

عجب فلسفو آ ”حَسين و جميل“،[1]
سندس مرتبو آ حَسين و جميل.

محبت جون ٻوليون ٿو ٻولي پيو
سدا گفتگو آ حَسين و جميل.

لکي شعر اکڙين چپن تي رکي،
لطف مون وٽو آ حَسين و جميل.

اسان مئخوارن جي اڳتان سدا،
رهيو مئڪدو آ حَسين و جميل.

ازل کان عشاقن جو ئي رهيو
اتم حوصلو آ حَسين و جميل.

رهيو نينهن ازلئون ائين آهي جيئن،
ڪڙي منجهه ڪڙو آ حَسين و جميل.

رهي آهه لفظن ۾ خوشبو ڀنل،
هڳاءُ تي وبو آ حَسين و جميل.

نہ ماکي نہ مصري نہ بصري لڳي،
مٽن کان مٺو آ حَسين و جميل.

رنگين آھہ منظر سڄي ديس جو
گھمي مون ڏٺو آ حَسين و جميل.

ڏين پؤنرا پيرا "ڪوڙل" پيا،
گلن ۾ نشو آ حَسين و جميل.

❊

1. جميل: جيڪب آباد ۾ رديف لاءِ مليل لفظ

زندگي جي پيار سان ڪر ابتدا،
زندگي توکي ڏني تحفو خدا.

گل جيان خوشبوءِ ڏئي هرپهر ڪي،
جت ٿئي آمد اوهان جي مرحبا.

ڪنهن وڪر جا ڪينڪي چاهيان پيو
آءُ دڪانن تي ڏسڻ توکي مٺا.

نفرتن کي جاءِ دل ۾ تون نہ ڏي،
پيار سان پُرُ دل ڪري ڇڏ دلربا.

ميم حي- بي تي ڏسان مجبور ٿو (1)
ڪر صلح تنهن سان صدق تون دل صفا.

خدمتون عائد ٿين ٿيون تو مٿان،
فرض سمجهي فرض سان ڪر تون نيا.

ٿي وڃي تاريخ ”ڪوٽل“ تنهنجي جيئن،
ٿي تون معنيٰ خيز خوشتر خوشنما.

*

1. تزمين: استاد پيرل قنبر

جرئت وارا گهرجن ماڻهو
پيار ڏيندي پيا مرڪن ماڻهو

تاريخن جي ورقن ۾ پيا،
پهريان صفحا ڳڻجن ماڻهو

آزادي جي منزل ماڻي،
ڌرتي جي دل ٻڻجن ماڻهو

ڪيڏو ڪيس ڪلور آ پونءِ سان،
روز پيا ٿا ٽڙپن ماڻهو

سَوَ بيمارين منهن ڪڍيو آ،
ننڊڙا وڏڙا ڦٿڪن ماڻهو

احساسن جا عڪس ٽٽي پيا،
صحرائن ۾ ڀٽڪن ماڻهو

مرهم عيوض جهير ڏئي پو
لوڻ ڦٽن تي برڪن ماڻهو

پيار ورهائي پيار وٺن ٿا،
موتين جان سي جرڪن ماڻهو

سورنهن سنڌ لئه ٽيندي ”ڪوڙل“،
دودا هيمون سڏجن ماڻهو

❋

تون جياپو جان جو آن اي وطن پيارا وطن،
تنهنجي ڪيتن مان پيا خوشبوءِ جا جهوڪا اٿن.

مهڪ تي ڪنڌري فضا ۾ جام امرت جا پري،
واسجي جڳ تو وجي ساھ سرها ٿا ڪڇن.

آبِ ڪوثر ڪان زياده پاڻي تنهنجو تو لڳي،
اڄ ميا ڏک جيئن پيئون تيئن هانو پنهنجا ٺرن.

مي رسي تي اڄ مي آسائشون بخشي پئي،
دل ٺڙي مڪڙين جيان پئي ملهائي تي جشن.

ماڳ منظر خوبصورت ڪهڪشائون چوطرف،
باغ برتر دلربا جنت جيها پيا ٿا لڳن.

تنهنجي عزت تنهنجي عظمت تنهنجي شهرت جو قسم،
تون آهين ايمان "ڪوژل" جي آهي توسان لڱن.

❊

ڀؤنر پوپٽ جِيئان گل گلابن مٿان،
آءٌ اڏندو رهان واس وٺندو رهان.

سرس ساوڪ سدا آ رهي سنڌڙي،
هن غزل گيت وائي مٿي بيت سان.

شاهه، سامي، سچ، شيخ، رومي سندو
گفتگو لبڪشا آ صحيفن جيان.

پيار امرت جيهو تو ڏنو ذائقو
سا لطافت نرالپ ڇڏيان ڪيئن مان.

موج مستيون رهيون سمنڊ ڇولِن نما،
عشق ميدان ۾ پائي ڇيرون نچان.

اُبُ ڀي چارسو تنهنجي سجدن ۾ آ،
مان بہ ڳيري جي وک وک ٿو سرڪي رڪان.

ڪائناتي حُسن من ليائي ڇڏيو
مان ٿو "ڪوڙل" رنگين جي رنگن ڪي ڇمان.

❊

آهين اڪين ۾ دل جو درمان "ٻهر صورت"[1]
سڪ سوز جو سڄڻ آ سامان ٻهر صورت.

توکي ڏسڻ سان منهنجو ايمان تازو ٿئي ٿو
درشن اوهان جو مون لئه قرآن ٻهر صورت.

هن ڪائنات دل تي تنهنجو حڪم آ جاري،
هر وقت آ اکين تي فرمان ٻهر صورت.

حوضِ ڪوثر جو درياءُ ساري عالم لئه ساقي،
مئڪش کي ڏي پيري ڪو پئمان ٻهر صورت.

معصوم پاڪ آهين معصوم دلربائي،
ڪمزور دل تي ڪر ڪو احسان ٻهر صورت.

تنهنجي اڱڻ اچي ڏيان دل ساڻ خادمي مان،
مون کي لقب ملي ڪو سلمان ٻهر صورت.

لافاني عشق تنهنجو رڳ رڳ ۾ آهه پلٿيو
من مست موج ۾ آ ديوان ٻهر صورت.

گوهر فشاني تنهنجي هرسو بهار موکي،
هر لفظ تنهنجو گل بو گلدان بهرِ صورت.

صدين کي سونهن بخشي ساڃاهہ تنهنجي سپرين،
منظر رهيو انهن جو ذيشان بهرِ صورت.

اندر ۾ انس پيدا انسان لئہ جي ناهي،
انسان پوءِ سمجهو شيطان بهرِ صورت.

هي نور جا ئي ”کوڙل“ کرڻا پيا کڏن تا،
محبوب مهلقا ٿيو مهمان بهرِ صورت.

*

1. بهرِصورت: جيڪب آباد ۾ رديف لاءِ مليل لفظ

منهنجو من مانڊاڻي آهي،
پنبڻي پنبڻي پاڻي آهي.

هيڏي محفل ۾ مان تنها،
پيار سان ڪنهن دل واڻي آهي.

پائي جهاتي ڪنهن نہ ڏٺو آ،
منهنجو اندر مياڻي آهي.

پيند پتر سان عشق آ منهنجو
ڏرتي خوشبوءَ هاڻي آهي.

سنڌ سموري پيار پرينءَ جو [1]،
جنهن جي ڪين پڇاڻي آهي.

دل ۾ فرحت ڪهڙي "ڪوڙل"،
دنيا هيءَ ڪانياڻي آهي.

❊

1. تزمين، حسن درس

روز اخبار ۾ تا پڙهون ڳچ قصا،
هي حياتي پوي ڪيترا تي حصا.

ڪو نہ احساس ئي آ رهيو دوستو
ڪربلا ڪان اتم تي دنيا ڪربلا.

هر هنڌان ٿو ٻڌان آهہ تي وئي دنيا،
پو بہ خاموش آ ڇو الائي خدا.

ظلم جو زور آ هرگهڙي سرڪشي،
بي وسي جا اصل هوش تي ويا خطا.

هي عذابن ۾ پوڳيون پيا زندگي،
روز سورن سندا تا ڦٽن پيا سلا.

رات ڪاري منجهان روشني ڪا ڪيون،
آهِ ”ڪوثل“ اها دل سندي التجا.

❊

زندگيءَ جو سفر نہ آ سولو
باھہ تان جيئڻ گذر نہ آ سولو.

دردَ دل جون ڏچيون اڏائي ڇڏيون،
مڙيو منهن تي پگهر نہ آ سولو.

ساھہ مُٺِ ۾ کيو ٿي منهنجو تو
هي هلائڻ چڪر نہ آ سولو.

تو شمع تي اچان اکيون ٻوٽي،
تنهنجي مُکَ جو اثر نہ آ سولو.

مان ڇمان تنهنجي ٿو گهٽي هرهر،
تنهنجو ڇڏڻو شهر نہ آ سولو.

روز ڳاڙهيون اکيون روئڻ سڏڪا،
دل ۾ سانڍڻ حشر نہ آ سولو.

سنڌ سڏڙا ڪيا اُتي پيا هون،
هاڻي ڪرڻو صبر نہ آ سولو.

سانوڻي جا وسي پيو ”ڪوڙل“،
آيو نيڻن ۾ ڪڪر نہ آ سولو.

❊

ياد تنهنجي وري وري آئي،
آڳ اُجهڪا ۽ لڙڪ تنهائي.

آ ڪهاڙي ايي تہ گردن تي،
موت جي باز ڪان هان چرڪائي.

پوري وڻ جان اندر پپيو ڪاڄي،
عشق طوفان دل آ ٽڙڪائي.

رقص آ ماتمي ڪلان ڪيئن مان،
دل جي دنيا ۾ آ نراسائي.

ريت رسمن جي گهاٽي ۾ پئي مان،
ساهہ ڪٽندي رهان هميشائي.

باهہ جهيٽي ٻري پئي من ۾،
سچ شعلن سان هان مان پرٽائي.

سنڌ تي ڪربلا جو ڏيک ڏيئي،
روز ”ڪوڙل“ غمن جي گهرائي.

❊

سارا سپنا سار اکين ۾،
هردم مند ملهار اکين ۾.

توکي ڏسندو ناهيان جڏهن،
وهندا آهن نار اکين ۾.

تنهنجو چهرو پوپٽ جهڙو
ست رنگين سينگار اکين ۾.

سنڌو ڪپ تي ويٺي ويٺي،
لڙڪن جي آ لار اکين ۾.

صحرائن جو پٽڪيل آهيان،
قرب ڪري ويهار اکين ۾.

کهڙو سک جو ساهه ڪٽان مان،
رکيا تي تڪرار اکين ۾.

مايوسين ۾ جيئڻ اهڙو
موت برابر هار اکين ۾.

تعصب ڪينڪي ڄاڻان ٿو مان،
سڀ جو آهي پيار اکين ۾.

نيڻ جهليا ٿم گلدانن جان،
اٽڪيا آهن خار اکين ۾.

ڪالهه نهارئي اهڙي طرح سان،
اڄ پيي آهه خمار اکين ۾.

تنهنجو تحفو تحفو سمجهي،
رکيو مون آ پيار اکين ۾.

غور ڪري ڏس سنڌ جا دشمن،
تنهنجي لئه آ گار اکين ۾.

”ڪوڙل“ جهڙا ڪيئي سهڻي،
ماريا ٿي ميهار اکين ۾.

❊

آتو پَتو پُڇو پرين ڇيم مُهين جو ڏڙو پرين،
سدا بهار جان اڱڻ هُڳاءُ تِي اُچو پرين.

اوهان جي آجيان جي لئہ اسان تہ انتظار ۾،
نِمائي نيڻ بيناهون جڏهن قدم رکو پرين.

گلاب جهڙي زندگي عذاب ۾ ٿا پوڳيون،
نَہ سمجهو آ مون پرين نہ سمجهو آ تو پرين.

وڃي وڃي گذر ٿيندو سهانو وقت تيز ٿو،
بهار مئڪشي سندو جواني جو نشو پرين.

هِي ڪيستائين درگذر ڪنداسين پيا لِڪَڻُ لُڇَڻ،
سماج جون هِي پابنديون ختم ڪيون سگهو پرين.

هِي پيار جون حقيقتون زماني ڳهيلي کي ڏِيُون،
ڪُڏي سماج جان نہ پرت تي ڏيون لَتو پرين.

اسان جي سنڌ سوڳوار ڇو رهي هميشہ لئہ،
يلا ٻُڌا تَہ ڪيترو پٽينداسين مَٿو پرين.

هي سنڌ جُون چارئي ڪنڊون وچن ٽيون ڪسڪنديون پيون،
هيڏان هوڏانهن واڳن جي وات سنڌ آ رڳو پرين.

اَٿاهه سونهن دل گداز ٽڙپ ۽ عذاب جو
چکيو آ جن مزو وچي انهن کان پڇ پتو پرين.

لطيف سامي ۽ سچل اياز ۽ بخاري جيئن،
غزل گيت بيت کي اوهان نچڻ ڏيو پرين.

زبان ذهن دل مٿان آ ورد تنهنجي نانءَ جو
عقيدو قُرب پيار تي ٽِڪي ”قربدار“ جو پرين.

❊

جرئتن سان گهارا زندگي!
سينو سپر ڏار، زندگي!

لڪير جو فقير تي نہ ويهہ،
اُتِ اُتي سنوار زندگي!

موت سان اکيون اکين ۾ ڏئي،
تون بڻاءِ هتيار زندگي!

پاڻ گهوٽِ ڪو نشو ٿيئي،
همتون نہ هار زندگي!

ويٺي چو مٽي کي ٽيڪ ڏئي،
ٿي ڏيئي ميار زندگي!

منزلِ آ روشني اڳيان،
ڪڻ قدم بہ چار زندگي!

سنڌ تنهنجي محبتن ۾ ٿي،
آهہ "قربدار" زندگي!

❋

پيٽ پالڻ ۽ خوشي ڏاڍي ڏکي،
آ گذارڻ زندگي ڏاڍي ڏکي.

هانءُ جيئڻ تان کڄي آهي ويو
بک اجهائڻ پيٽ جي ڏاڍي ڏکي.

آ گرهه مانيءَ جو هٿ مان ڪريو
مون ٻڌي جو خودڪشي ڏاڍي ڏکي.

گهر جي در تي تي صدا خيرات جي،
آ ڏيڻ جنڊ جي ٻُکي ڏاڍي ڏکي.

ظلم جو تي انت ويو آ دوستو
لڄ لوٽي آ رهي ڏاڍي ڏکي.

ماءُ پنهنجي جگر جا ٽڪرا ڪٽي،
آهه بازر ۾ پڳي ڏاڍي ڏکي.

باهه جا شعلا اٿن تا هرگهڙي،
ڏرتي تي وئي تامڻي ڏاڍي ڏکي.

پلصراطن تان ته سوچي پير ڪڻ،
دور هن ۾ سرمدي ڏاڍي ڏکي.

ڪيئن گهڙي سک جي گذاريون اي "ڪوثل"،
سيج ڪنڊن جي ملي ڏاڍي ڏکي.

❊

ساري محفل کي تہ شرمائي پئي،
هوش مشتاقن سندا گهائي پئي.

مرڪ چپڙن تي سجائي خوبرو
موتيا رابيل شرمائي پئي.

ساهہ سڪتي ۾ رهن ٿا ڪيترا،
ديدجا گولا تہ اڇلائي پئي.

مئڪدي ۾ ساقي بڻجي مرڪندي،
جام تي ٿي جام ٽڪرائي پئي.

سونهن تنهنجي ڪهڪشائن کان وڌيڪ،
چنڊ چوڏهن چاهہ سان چمڪائي پئي.

ناچڻي موهن دڙي جي سوز مان،
گيت سر ڪيڏاري مان ڳائي پئي.

دل زبان ۽ روح عضوا ريس ٿئي،
قوم کي ڏئي قوم گرمائي پئي.

عشق جا آلاپ اهڙي ٿي ڪري،
ٿاهي جڻ معجون ڪارائي پئي.

مان تہ ”ڪوثل“ پيار جي پيچري ۾ بند،
ڪڏهن ايندو پيار مان واجهائي پئي.

❋

(سدا حيات سدا بهار قاضي مقصود گل کي ڀيٽا)

عزم آ اتساهہ آ مقصود گل،
ساهتي ساڃاهہ آ مقصود گل.
هر سخن ور سوچ واري جو سڄڻ،
ساٿ جو همراهہ آ مقصود گل.
وڏڦڙي وانگر وسي ٿو سنڌ ۾،
ٿر مٿان گجگاهہ آ مقصود گل.
ٻُل وساري ڪيئن سگهنداسي مٿيون،
پيار جو سر ساهہ آ مقصود گل.
علم جي دولت ورهائي آ سخي،
فيض جو درياهہ آ مقصود گل.
هي يگانو يار آ پيارن سندو
برهہ جو ويساهہ آ مقصود گل.
اڄ بہ خوابن جي ڇٽي چانڊاڻ آ،
چوڏهين جو ماهہ آ مقصود گل.
قربدارن جو سدائين قربدارُ
درد کان آگاهہ آ مقصود گل.

❊

نظم

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

ڪيان ٿو التجائون مان صديون سڪ سال ڪر پيارا.
مٺا مارو سدا آباد ۽ خوشحال ڪر پيارا

ٿيا هاڃن مٿان هاڃا ڏسڻ جهڙي نہ آهي دل،
زخم هيڏا جبل جيڏا سهڻ جهڙي نہ آهي دل،
وري هيهات جو آنهون ڪرڻ جهڙي نہ آهي دل،
اسان جا ساهہ گهٽجن پيا ڀلايون ڀال ڪر پيارا.

ڪِري ڳوڙها پيون ان پل پڙهون اخبار جنهن پل ۾،
ڏسي جيجل ڪٽي رڙندي ٿا زاروزار جنهن پل ۾،
وطن واسين ولهارن جا اچن اوٿار جنهن پل ۾،
اسان جا حال هي ويتر نہ تون بيحال ڪر پيارا.

ڏٺي منهنجا وڏي ظلمات جي ديوار ٽوڙي ڇڏ،
ٿيون آجا عذابن کان ڏنل آزار ٽوڙي ڇڏ،
سکن جو ساهہ ڪوٽڪجي سيئي اغيار ٽوڙي ڇڏ،
گهُري ”ڪوڙل“ دعائون ٿو ختم جنجال ڪر پيارا.

❊

نيڻ نيڻن سان مليا جڏهن مٺي!
چڻ تہ ڪاڇي تي پيا بادل وَسِي.
مون اکين سان ڳل چُميا تنهنجا سَکي!
پياس پوري پو بہ دل جي ڪا نہ ٿِي.
مڌ تي تو مڌ آڇيو هرگهڙِي،
چڻ تہ ميخاني ۾ گذري زندگي.
مان تہ صحرا جو هرڻ آهيان اُڃيو
جو سرابن ۾ سدائين هان رُليو.
آ خوشيءَ جي دل اندر شهنا وڄي،
مرڪي مرڪي تو تہ بخشي زندگي.
پيار جي مون تي وُٺي شبنم سدا،
گل ٽڙيا خوشبوءِ واسي من ڇڏيا.
گج تي ڪاون جو تجلو جو ڪڙيو
مورُ ڪوئي ڊيل تي هر هر ٽليو.
پيار جي چَوماسي موسم پئي هلي،
هر ڏسا جل ٿل پئي چلڪي چُلي.
سونهن سنڌڙي جي ڏسي تون ٺار دل،
حب وطن ري آهہ چڻ بيڪار دل.
ڪٽڪ جي آئين جيان تنهنجو بدن،
ماهہ رخ محبوب آ مست و مگن.
آهہ ماڪيءَ لار جهڙو پيار هِي،
دل وساري ڪيئن پانهن هار هِي.
آ ملي وچ زندگي ٿيندي سڦل،
آهہ ماٺهوءَ جي مٿان بيٺو اجل.
آهہ ماٺهوءَ جي مٿان بيٺو اجل.

❊

نينهن جو نوازشون رهيون،
بي بها ۽ بي مثال اڻ مَيون.
پيار ڪائنات جو مليو
زندگي جون ساعتون بڻيون.
آهِ خواب ساپيان رهيو
مان ڳلي ٿو لايان محبتون.
مان خنجر جي نوڪ تي نچان،
گيت ڪو سريلو ڳاءِ تون.
عشق منزلون رسائي ۽،
بخشي چيتي جان ٿو جرئتون.
نئين نسل جي هوش جوش ڪي،
سنڌ جون ڪيان ٿو پارتون.
ڪائناتي هن حُسن سنديون،
ڪر ڏٽي آباد رونقون.

❊

نيڻ تنهنجا شرميلا ڳاڙها ڳٽول،
ٿي رهي ڇٽندي جواني مستي مان،
ڏي اجازت پوپٽ جا چمندو رهان،
ڳل گلابي ۽ نرم تنهنجو بدن،
سنگ مصري جا اپا سيني مٿان،
بس زبان خاموش ٿي تڙپي پئي،
مون ڏٺو پڳوان تنهنجي روپ ۾،
روز سجدا ٿو ڪيان توکي جُهڪي،
سنڌ مولئ ائين رهي آ سدا،
جيئن رَهي ياسين آ قرآن ۾،
خودڪشيءَ جو ڪيئن سوچان مان مني،
هر نظاري ۾ تنهنجي تصوير آ.

❊

پرڪيف نيڻ تنهنجا، پرڪيف تي جواني،
ڏيلون ۾ مور، هرڻيون، گهورن پيون زندگاني.
آهين لِيار جي رَس جهڙي لذيذ جانان!
پوري جا گيت منڙا نازڪ مزاج تنهنجا.
هي ديد تنهنجي مون لئہ آ بوند سانوڻي جي،
دل جو آ کيت ڪڙيو هرسُو بهار تي پئي.
محبوبا زندگي تي نيڻ جو چين چاهت،
تي تون هوا وُني جي، دل کي تي بخشي فرحت.
آ شام سرهي سجڻي چوڏس هي گل گلابي،
تارن جي وچ ۾ چنڊ جيئن مرڪي پيو شبابي.
مرڪن جا تحفا مليا سرهائي تي بدن ۾،
جيئن مور ڏيل اڱيان نچندو رهي بنن ۾.
تنهنجي حُسن جي حُسناڪيءَ جا معراج ماڻيون،
تنهنجي نيڻن جي مڌ جا پياسا صدين کان آهيون.
موهن دڙي جي پونءِ جان ڳاڙهي ڳنول سرهي،
صورت گلاب مکڙي نهني نگاهہ تنهنجي.
تون شاهہ جي آن وائي، آلاپ جيوٽي جو.
مدهوش جيئن جواني، احساس عاشقي جو.
دل جو درياءُ جل ٿل مهراڻ موج مستي،
سرسبز ساوڪن سان آباد دل جي ڌرتي.
ٽڪ جي رلهي جيان هي سچ سونهن پئي تي جرڪي،
جگنوءَ جي طرح جان تي تجلا ڏيئي پئي چمڪي.
نيڻن ۾ ريهہ ڳاڙهي ڏاڙهونءَ جي ڏار وانگي،
تنهنجو پيار پاسجي تو ماڪيءَ جي لار وانگي.

زلفن جي ڇانوَ ۾ تو دل جو سُرور سمجهان،
ڪجهه ساهه ڏي ڪَٽڻ تون آهيان ٽڪل صدين کان.
يا زلف تي ڳلن تي نچندو رهان مان سجني!
ائين جام ڪي حُسن جا پيئندو رهان مان سجني!
ريشم جي تند جهڙي مٺي نوش زندگاني،
تيرِ نظر نظر ۾ اوتي تي جاوداني.
مرڪن جي مالها پوئي ڪنوٽن جيان ڪنوي تي،
تون پينگهه تي گگن جي ڇولن مثل ڇُلي تي.
نازن ڀري ادا تي نازن ڀري ڪهاڻي،
سنگيت سونهن سوير ڀڀاتي موهه هاڻِي.
محبوب تور آڇي امرت ۽ پيار سانئڻ!
مدماتي نيڻن نيارا دل جو قرار سانئڻ!
چوڏهين جو چنڊ تنهنجي نيڻن رقص ٻٽيو
منظر ائين رهي تو ڪينجهر ۾ جيئن هندورو.
زلفن جي ڳالهه ڇا ڪيان پونئرن جا ميڙ مڙيا،
گلشن جي ڪيت مان چڙ خوشبوءِ جا واس ڇڙيا.
ڇَپ چار يار مليا، دل جا دئار کليا،
موکيءَ جان جام جهوميا رومانوي نظم جا.

❊

ڪٽو قلم لڪو اوهان لکڻ اٿڻ جو وقت آ.
شعور ڪنِ هٿي ڏيو هٿي ڏيڻ جو وقت آ.
سٿون اوهان جون تير ڪان تڪيون ۽ تيز ٿي پون،
هي لات ۽ منات ۽ عزا ڪي پورا پورا ڪن،
هي جوش هوش حوصلا اٿي پون ۽ جي پون،
هٽو هٽو ڪچي هٽو نہ تير ڪو گسي پوي،
مڙس ٿي اٿي پئو بہ قارون ويري ٿي پوي،
نہ تيري ميري ٿي پوي، نہ تيري ميري ٿي پوي،
نہ پٽ پيءُ سان وڙهي ۽ نہ ڌيءُ ماءُ سان وڙهي،
نہ جنگ جهيڙو ٿي پوي ۽ پرت پيار پيو جڙي،
سماج اهڙو جوڙيو جو پيار ڪائنات ٿي،
غلامي جي عذاب جو زنجير جيئن ٽٽي پوي،
قلم ڏٽي قلم ڪٽو سٽن ۾ ساهہ اوتيو
گلن ڳلن جون ڳالهيون ڇڏي ڪري سنڌوءَ جي،
ڪيو ڪا وارثي سدا، جوان سڀ اٿي پئو،
ظلم ستم جي رات آ اونداهہ ۾ چماٽ آ،
ٻٽو مڪاني هي نظام سنڌ جو ۽ جند جو
هي رات جي اونداهہ ۾ لڪيو ويو مڙهيو ويو،
هي هانءُ جگر ڏکي پيو سڙي پيو ڪڙهي پيو،
ڪنگال سنڌ اڳي گهٽي ڪري ڇڏئون نٽا ڏسو؟

ڊِگا جهڳا لڙهي ويا ٻني وني لڙهي وئي،
ٻنا ڪفن دفن اسين لڙهون پيا نتا ڏسو؟
نہ غيرتن جي ڪا تميز ڪئي اٿئون نتا ڏسو؟
جهمور جو اهو نہ ڪو طريقو ۽ اصول آ،
ڏنا سي ووٽ جو اسان خطا ڪئي سزا ملي،
وفا شعار تي پئو بغاوتي علم ڪٽو
ٻڌي ڪفن اچو اوهين تہ سرخرو هي سنڌ تي،
قطار جي قطار پويان ٻي هجي ۽ ٽين هجي،
نہ پوئتي قدم هجي عزم هجي ڀرم هجي،
زنجير ظلم جو جيئن ٽٽي پوي ڇڄي پوي،
ڳلي ڳلي گهٽي گهٽي، وڃي پيام ڏيو اوهين،
نجات انقلاب آ، نجات انقلاب آ.

*

※(ابراهيم جويو جي 98 هين سالگره جي موقعي تي لکيل)

جنم ڏينهن توکي مبارڪ،
سڄي سنڌ تنهنجي خوشين ۾ تي خوش آ،
پٺائي سچل ۽ ساميءَ جا سڏڙا،
اوهان جي ڪتابن ۾ گونجن پيا ٿا،
پڙهيو مون برابر لکيو مون برابر،
رقم ڪئي تو تاريخ آهي صدين جي،
هي رابيل تلسيون اوهان کي آ تحفو
اوهان جي ته لکڻين مان معلوم ٿيو آ،
اوهان جي سيني ۾ علم جا خزانا،
اوهان جو هي لکڻيون اکين تي رکي مون،
ڪئي روشني آهي پنهنجي اکين جي،
تون ڪردار پنهنجي جو اڻ مٽ نشانو
غلامي جي لعنت کي لعنت تو سمجهو
تون ساري حياتيءَ وڪيو ڪين آهين.
سنڌوءَ جي تون ساجهه جو ارڏو سپاهي،

۽ هالار جيڏو رکين حوصلو ٿو
تون مڪليءَ ۽ مياڻيءَ جي تحرير آهين،
اي موهن دڙي جي تون تاريخ رکندڙ
تون ڪينجهر ۽ منڇر جو منظر ڇٽيندڙ
تنهنجا گهنج تاريخ منظر پسائين،
جيئن سنڌ ڌرتيءَ جو نقشو سونهين ٿو
رهن سوچون لوچون جفا ڪش اجان پيٖ،
رهن جرئتون ولولا جوش جذبا،
رهيو آهين صدين جو آئينو هردم،
اوهان سان ڪچهريون ڪرڻ فرض پنهنجو.

*

حَسين آ حَسين پُروقار ڪائنات ھي،
سدا بھار گل جيان ھي نوجوان بھار تي،
سھاڳڻ جي سينڌ جو ھڳاءَ جنھن ۾ آرھيو
گلاب جي ڪمي نہ آ گلاب جڳ جھان آ،
نظر نظر خمار تي ۽ جام جام تي رھيو
پيئون جيئون پياڪ تي سراپيا سرور جا،
نثار جان جوت جي جبين تان ڪجي وري،
اُداس ڪيترو تجي ۽ پيار پُراميد آ،
شمع مٿان پتنگ تي ڪِرون پيا جيئون پيا،
قرار پُرقرار لئہ ھزار مسرتون رھيون،
پرھ ڦٽي جي ماڪ ئي حَسين پرتوا ڏيئي،
مليا ھُڳاءَ ھيج جا سدا نمن جي ڇانو ۾،
ٺھڪ زندگيءَ جا ھي چار سو ڀري ڀريا،
وجود جنھن جو آ بقا اٿاھ آ سونھن سوڀيا،
رنگين پوپٽن جيان نيٽن ۾ رقص آ رھيو
دليل جنھن جو ڏيک ويک مست است تي پيو
مثال سادگيءَ جو مثال بي مثال آ،
گناھ ۽ ثواب ڪي نگاھ ڪان پري ڪري،
دماغ دل ڪري قبول سونھن جي اڳيان جھڪيا،

ڪٿي هُجڳاءِ واءِ هلي سرور مئڪشي سندا،
رنگين پُر بهار جي جهڪي وري صدا ڪيم،
چپن اکين سان پئي چمر قرار ڪائنات جو
جهان منهنجي جيءَ جو مزاج مرڪي آ پيو
اٽاٽ پيار جي نہ آ پيار پاڻ هان رهيو
رنگين موسمن مٿان نگاهہ پيار جي رکي،
سرور دلڪشي سندا وٺان پيو سدا پيو
جيئڻ مرڻ نہ ياد آ، پيار جي جهان ۾
رڳو آ ڳالهہ سونهن ۽ سونهن جي هجڳاءَ جي،
ڳنڍير گم ليار جي مُهين دڙي دراڙ جي،
جديد دور جو جوان سنڌوءَ ڪپ مٿان ويهي،
لطيف سامي ۽ سچل اياز جا تہ شعر اج،
وضاحتون ڪري پيو سٿن مٿان سِٿون پڙهي،
ڏيان سان ٻڌو وڃي، عمل ڪري مجو وڃي،
تہ سنڌ سونهن تي پوي تہ سنڌ سونهن تي پوي،
هي محبتن جو آستان صبوح شام پربهار،
وراڪا ڏئي وري وري پريمي پيالا ٽا پيئون،
هزار بار دوستو جنم جنم تي آچي پئي،
سراپا سونهن سوجهرو شعور کي شعاع ڏي،
مٿيءَ مهڪ تي پئي، مٿيءَ مهڪ تي پئي.

*

جيءَ جياريو جيجل جهولي،
جيڏي مٺڙي تيڏي سولي.
پيار پرولي هيئين هولي،
سنڌي ٻولي قومي ٻولي،
جنهن ۾ سمايل پيار محبت،
سٺ سٺ ۾ خوشبوءِ جي چاهت،
مرڪن هاٽي ساهه سيباٽي،
ڦُرب کهاٽي ساهه سيباٽي،
تاريخن جي ورقن ۾ هي،
موهن ڪان آ ڪافي اڳ جي،
سندر سندر منڙي منڙي،
زنده آهي زنده رهندي،
شاهه سچل ساميءَ جي ٻولي،
حاجي ۽ حامي جي ٻولي،
جوييي ۽ سوييي جي ٻولي،
پنهور ۽ محبت جي ٻولي،
بيوس ۽ تاجل جي ٻولي،
منشي ۽ سائل جي ٻولي،
بيدل ۽ غمدل جي ٻولي،
سيد سوياري جي ٻولي،
شيخ، بخاري جي هي ٻولي،
سرمد ۽ آڪاش جي ٻولي،
شاد ۽ احسان جي ٻولي،
دادن ۽ تارڪ جي ٻولي،
گوبند مالهي جي هي ٻولي،

ارشد، نارائڻ جي ٻولي،
راشد ۽ پيرل جي ٻولي،
تنوير، قاضي گل جي ٻولي،
هاري ۽ ناري جي ٻولي،
مرڻي ناهي مرڻي ناهي،
تنهنجي ٻولي منهنجي ٻولي،
ٻولي جنهن جي جهول ڪُشادي،
مقصد پيار امن آزادي،
دولهه دريا خان جي وادي،
سنڌ سيتا پئي آ جاڳي،
هاڻ ته ٿيو آ هرڪو باغي،
قومن ڪيڏو ڀوڳيو آهي،
پوءِ به ويون ڪي پاڻ ملهائي،
قوم به پنهنجي لڇندي آخر،
ويندي پنهنجو پاڻ مڃائي،
ٻولي خاطر دودا ڪڏندي،
ڏيندا پنهنجو ڪنڌ ڪپائي،
سوليءَ تي سِر ”ڪوتَل“ آهن،
مرڪي ماڻيندا هي منزل.

❊

1. حاجي احمد ملاح 2. عطا محمد حامي 3.ابراهيم جويو 4.تاج جويو
5.ڪشنچند بيوس، 6.تاجل بيوس 7.ايم.ايچ پنهور 8.ابراهيم منشي
9.سائل آزاد 10.محبت ٻرڙو 11.سرمد چانڊيو 12.علي آڪاش
13. ڊاڪٽر استاد بشير شاد، 14. ڊاڪٽر احسان دانش، 15. تارڪ نجفي
16.دادن فقير 17. شيخ اياز 18. عبدالحڪيم ارشد 19.استاد پيرل قنبر
20.قاضي مقصود گل

ضمير مون تي ڪندو ملامت،
لڪان نہ توتي غزل جي پياري
حسين تخليق تنهنجي سائڻ،
رهون ٿا جنهن جا اسان پوڄاري

بهار موڪيو جوان رت تي،
گلاب مڪڙيون سدا ٿيون مرڪن،
سنڌوءَ جي ڇولين تي سونهن ساگر،
سهاڳڻ جان ڪرائي ٿي درشن،

سڪون اک کي سڪون دل کي،
دماغ کي تازگي رهي ٿي،
هي سبز چادر جي چنري اوڍيل،
وشال تنهنجي ڏسي بدن تي،

رنگين خوشبو هُڳاءَ اوتون،
هزار پونئرا طواف ڪن ٿا،
خوشي وچان مدّ مست رهن ٿا،
هي چنبُ تارا ۽ ڪهڪشائون،

سميت سجدن ۾ آسمان پي،
ديار تي سر جهڪائي هرپل،
ٿئي ٿو رقصان اعزاز سمجهي،
ليار لالي ڳنڍيير ڳاڳيون،

ليون ۽ لاٽا ڏسي نران ٿو،
سنڌوءَ ڪنارا ڏسي نران ٿو،
رکي اوهان جي پيرن تي اکڙيون،
چمان سمورا نشان تنهنجا،

سدا خوشين سان ڪيڏ ڪيڏي،
گهران ٿو ”ڪوڙل“ اها دعا مان،

❊

سندري سندري ساھہ سيباٽي،
مرڪن جا ٽي تحفا ارپي
نيڻ ڪڪوريا ڪيف ڪٽورا،
هرهر ٽي پئي آڇي امرت
سونهن سهاڳڻ نڪري پئي آ،
ڏرتي ٽي هيڪار ڪنبائي،
رنگ برنگي ڦلواڙن جان،
جيون ڪي ٽي رنگ لڳائي،
واءُ ۾ وڪريل هوش حواس،
شرم حيا جا پردا ٽوڙي،
گهر مان نڪتي پيرين اگهاڙي،
ميرا ٻائي وانگر ٻٽجي
نينهن نچائي الڙ جواني،
عشق جي آلفي پائي جهومي،
پنهنجي اندر جي آترويلا،
درديلي ٽي آھَہ ٻڌائي،
يڪتاري جي تند تپائي،
سندري ڪيڏارو ٽي ڳائي،
تاريخن جا ورق ورائي،
سُلجهائي سمجهائي ٽي،
سوز ۽ سڪ جا ساز وڄائي،
عشاقن جا هوش گنوائي،
پنهنجو اندر ٺاري ٽي پئي،
بر ۾ ٻاهيون ٻاري ٽي پئي.

❊

تنهنجي جادو نظر تنهنجو خوشبو بدن،
تنهنجي جوڀن جواني ۾ مست و مگن،
تنهنجون مرڪون مٺيون ڪير ڪنڌ ٿيو پون،
مرڪ موتيا مشڪ عنبر لڳن،
موج مهراڻ آن ساهه سرهاڻ آن،
چاهه چانڊاڻ آن شفق لالاڻ آن،
ڪيف آور اکيون ٿي جڏهن تو ڪنيون،
نينهن جا نيا نشا مئي خمارن ۾ هون،
تون مٺن تي مٺيون مونکي ارپي ڇڏيون،
او سڪي دل ڪشون اڻ ميون محبتون،
حور جو پرتوو ڇا مان تشبيهه ڏيان،
سونهن جلوا نوان ڪارگر ڪيميا،
پنهنجي نيڻن مان مئي جي تو سُرڪي ڏني،
زندگي دائمي تو آ بخشي ڇڏي،
تنهنجي مرڪڻ سان منهنجي وڌي زندگي،
تنهنجو نالو رکيم زندگي دوستي،
تون سنڌوءَ جي ڪنارن جان سهڻي لڳين،
تون تہ ڪينجهر جي گل جان ٿي ڪومل رهين،
تون ڀٽائي، سچل، سامي جي سورمي،
مور جي تور ڪي ڇهه ڏيو ٿي ڇڏين،
تنهنجي ساراهه جا گل نڇاور ڪيان،
سونهن تنهنجي پرين دل جي ڪعبي مٿان،
پيار جي ڇانو ڳن رُج ۾ ٻڙ جيان،

SOORIH SINDHI ADAB

سونهن معصوم محبوبا ايئن لڳي،
جيئن موهن دڙي جي آ ڳاڙهي مٽي،
دل جي شوڪيس ۾ تنهنجي تصوير هي،
مون سجائي رکي ها سجائي رکي،
ڪيرٿر جان تهن اوجر ۾ سندري سکي،
تنهنجي ريشم جواني آ سورج مُکي،
ست رنگي چوڙيون گجرا رابيل جا،
هٿ ميندي رتا ڪيڏا سونهن پيا،
سون ورني هُڳاءُ سڳداسين سندو
تون ڪٿوري جيان واسي تر آ چڏيو
تنهنجا گُفتا مکڻ ماکي مصري سندا،
انب سنڌڙي سندا زنب ٻُسري سندا،
ڪير جهڙي وهي ۾ ٿي لچڪي اڳي،
شام سُرخي سهاڳڻ ٿي سرمئي لڳي،
هڪ نہ "ڪوڙل" رهيو تنهنجي حاضر اڳيان،
چنڊ تارا سيئي تنهنجي طابع ٿيا.

❊

SOORIH SINDHI ADAB

کوڙل
قربدار
کي
منظوم
پيٽا

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

محمد جواڻ "جانب" سومرو

اَدب علم جو آ ادارو ته ڪوڙل،
لِکڻ ۽ پڙهڻ ۾ سگهارو ته ڪوڙل.

جوان جُرئتن جا ٿو جذبا جَڳائي،
سَچي سوچ جو آ ستارو ته ڪوڙل.

وَنڊي واسنائون ڀِيو اُلفتن جُون،
ڀَڪي پيار جو آ پنارو ته ڪوڙل.

شعوري صفت جو شمعدانُ ٻاري،
ڪري ٿو اَندر کي اُجارو ته ڪوڙل.

لِکي لَفظَ سنڌُ لَئه سَچا صافُ سونا،
ٿيو نامور آ نيارو ته ڪوڙل.

وَڃَنَ ٿو وطن سان نيائي نشانبر،
وفا جو وڄائي نغارو ته ڪوڙل.

آڏي قُربَ جا ڪوٽ هر دل ۾ تو هِي،
ٻلي ياڳ وارو ٻلارو ٿـ ڪوڙل.

ڪُشادو ڏَئِي قُربُ قابو ڪري تو
بِنا ٻِرڪَ جي آپيارو ٿـ ڪوڙل.

سَجي مُلڪ ۾ آهِ مشهور شاعر،
برابر ۽ بيشڪ ڀهارو ٿـ ڪوڙل.

ڏِئي تو مُهاڏا جَبرَ سانُ "جانبَ"،
ڪري تو نـ گنهن ڪان ٻِـ ٿارو ٿـ ڪوڙل.

❊

جي ايم رئيساڻي

جنم ڏينهن ڪوڙل قربدار جو آ،
سندس نانءُ چٽيءَ جو ذوالفقار جو آ.

سندس پيءُ جو نالو جاڙو خان آهي،
پلو پاڻ ڪوڙل ٻ انسان آهي.

ڪري علم حاصل، سو استاد ٿيو آ،
رکي علم سان دل، هي آباد ٿيو آ.

هي شاگرد پيرل قنبر جو آ ڪوڙل،
۽ صاحبِ وزن ۽ بحر جو آ ڪوڙل.

هي سائينءَ سرمد جو ساٿي رهيو آ،
تڏهن ڪان علم جو خزانو ٻٽيو آ.

اديبن ۾ ڪوڙل، وڏو محنتي آ،
وڏن شاعرن جو رهيو صحبتي آ.

وڏن شاعرن جان، لکڻ جو طريقو
سدائين سندس آهي سؤلو سليقو.

عروضي علم سان، لکندو رهي ٿو
تڏهن شاعرن ۾ ٻَکندو رهي ٿو.

نظم ۽ نثر ۾، مهارت جو مالڪ،
برابر آ ڪوڙل، فصاحت جو مالڪ.

اٿس شاعريءَ ۾ سراسر سلاست،
۽ معنيٰ جا موتي، برابر بلاغت.

تخيل ۾ آهي، تدبّر جو صاحب،
تغزّل ۾ آهي، تفڪر جو صاحب.

جسم ظاهريءَ ۾ جو آهي قداور،
سو ڪوڙل بہ آ شاعريءَ ۾ قداور.

جڏهن شاعريءَ ڪي پڙهي ٿو ٻڌائي،
ڏئي جوش سان هوش ڪي ٿو وڏائي.

قربدار ڪوڙل، مرتب بٽيو آ،
نرالو ادب ۾ اڪيلو جٽو آ.

قدامت جو حامي، ۽ جدت جو آهي،
سندس ڪو ڪلهي پر نئون ڪو بہ ناهي.

غزل، گيت، وائي ۽ ابيات ڪوڙل،
لِکِي خوب ڄاڻي، خطابات ڪوڙل.

سجاڳي جو پيغام، آ شاعريءَ ۾،
ڏنو آهي ڪوڙل، سدا شاعريءَ ۾.

مسلسل جِدوجُهد جي آ ڪهاڻي،
مثل آهي ڪوڙل مُرَوَفِ وراڻي.

سين کي قربدار ڪوڙل پيارو
سدا آ ادب ۾، ادب جو ادارو.

ڏي سڏ ۾ سڏ ٿو وفادار آهي،
سدائين تہ ڪوڙل، قربدار آهي.

اديبو پلي آزمايو زمانو
ڪليل آهِ ڪوڙل جو مهمان خانو.

اهو آهي ڪوڙل پڇي ڪين پيرو
ڪندو دير ناهي، ايندو آ سَوَيرو.

هُجي توکي ڪوڙل، خضر جي حياتي،
رهن خوش سدائين توکان گهر جا ياتي.

ادب جي افق تي، چِٽو آهِ ڪوڙل،
صدر مور محفل، ڏٺو آهِ ڪوڙل.

ستارا ٻيا سڀ، قمر آهِ ڪوڙل،
هتي اج بہ ائين آ پر آهِ ڪوڙل.

اڄوڪيءَ محفل جو آ روح ڪوڙل،
اڃا شاعريءَ ۾، نئون قوهہ ڪوڙل.

ائين ماڻ ڪوڙل، ڀين ڪي ڏبو آ،
جيئن توکي سيني ڏنو مرتبو آ.

ٻٽيو آهِ ڪوڙل، نگاهن جو مرڪز
هي پيرل قنبر جي دعائن جو مرڪز.

جو انداز اسلوب ۾ زور آهي،
سو ڪوڙل ئي محفل سندو مور آهي.

”رئيساڻي“ آهي، دعاگو اوهانجو
رهي خوش سدائين هي ڪوڙل اسانجو.

❊

ازقلم۔عاجز سرگاڻي

آ يارن سندو يار قربدار ڪوڙل،
محبت جو مينار۔قربدار ڪوڙل.
ادب ۽ علم جو آ استاد ماهر،
علم جو علمدار۔قربدار ڪوڙل.
هيءُ پيرل قنبر جي آ نقشِ قدم تي،
يگانو قلم ڪار۔قربدار ڪوڙل.
قدردان ادبي لڏي جو هميشه
آهي سونهن سينگار۔قربدار ڪوڙل.
سندس لاءِ سرگاڻي عاجز لکي چا،
فضيلت جو پنڊار۔قربدار ڪوڙل.

قلم ۽ قرب جو قدردان دائم،
اسان جو هيءُ ڪوڙل ڪسارو نہ آ.
هجي حيف اُن کي چوي جيڪو ڪوڙل،
قلم ڪار ايڏو سگهارو نہ آ.
ڪندي خوب خدمت ادب ۽ علم جي،
رهيو هِن جو ڪوئي ڪنارو نہ آ.
هيءُ تلميذ پيرل قنبر جو پيارو،
ڪندو ڪنهن جي دل کي ڏکارو نہ آ.
رهي ياد دل تي ٿو عاجز کي هردم،
ڪڏهن هِن کي "عاجز" وساريو نہ آ.

❋

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي طرفان ڇپيل ڪتاب

2014ع

1: حيوانات في القرآن		ترجمو: منظور سولنگي
2: برکا بوند بهار جي	(گڏيل 16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب)	مرتب: مرتضيٰ لغاري
3: نئون نئون مڌ آ	(گڏيل 16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب)	مرتب: مرتضيٰ لغاري
4: ڪڏهن تہ ملندي	(شاعري)	سرڪش ناريجو

2015ع

5: جيجل منهنجي قسمت	(ڪهاڻيون)	دلبر چانڊيو
6: ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾	(شاعري)	انجم قاضي
7: دردن ڦولاريا ڦول	(شاعري)	وفا صالح راڄپر
8: تون منهنجي ساھ ۾ آهين	(ڪهاڻيون)	طارق خشڪ

2016ع

9: عشق جي آخري سرحد	(ڪهاڻيون)	يار محمد چانڊيو
10: رهيل چار ڳوڙها	(شاعري)	استاد پيرل قمبر
11: روهيڙي جا رتا گُل	(گڏيل 17 شاعرن تي مشتمل ڪتاب)	مرتب: مرتضيٰ لغاري

2017ع

12: ادب آبِ حيات	(گڏيل شاعري)	مرتب: بلال تبسم
13: جن عشق سين آگاھ	"ج ع منگهاڻي کي منظوم پيتا" شاعري	درد هوش محمد ابڙو
14: درد نگر جا ماڻهو	(شاعري)	عاجز غلام رسول
15: پهڻ پير پٿون ڪيا	(شاعري)	فرزانا شاهين
16: آڪاس آ اکين ۾	(شاعري)	شبانا عالماڻي
17: هاڻ هاريو متان	(شاعري)	شاهده ڪوکر
18: ساڃاھ جا سرچشما	(ڀٽائي جي بيتن جي چونڊ ۽ تشريح)	سعيد احمد چانڊيو
19: مينهن ڪڻيون	(شاعري)	سڪندر هاڙهو
20: ڌرتيءَ جو پُٽ	(ڪهاڻيون)	عبدالواحد سومرو
21: پيئي جن پرک	(ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو علمي ۽ ادبي شخصيت)	ترتيب: مرتضيٰ لغاري
22: ملندو نيٺ پنهل	(شاعري)	"درد" هوش محمد ابڙو
23: اوجاڳن جا عڪس	(شاعري)	انجم قاضي
24: ڪلجُڳ جا رنگ	(ڪهاڻيون)	ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو
25: نينهن جو نوحو	(شاعري)	فرزانا شاهين
26: ٻالڪ ڌرتيءَ ٽانڊاڻا	(ٻارڙن لاءِ شاعري)	وحيد محسن

2018ع

27: هوا جو رنگ ناسي آ (شاعري) رحمت پيرزادو

28: احساس جو ديس (گڏيل 36 شاعرن جي شاعر) مرتب: انجم قاضي

29: روشني جا رنگ: "شهدادڪوٽ جا شاعر" (گڏيل شاعري) مرتب: سڪندر هاڙهو

30: گيت گونگا نہ ٿيا (شاعري) شبانہ عالماڻي

31: رات وهامي ٿي (شاعري) نسرين الطاف

32: ڏک کي ڏک آ (شاعري) وسيم گبول

:33 Transleted By: Dr. Ali Akbar Dhakan shah jo risalo

34 : پيار جي ڌرتي دل جو ديس (ڪهاڻيون) منل چانديو

35: سنيهو سچ جو (شاعري) منور علي منور ڪيهر

36: ديوان وريام فقير (شاعري) وريام فقير شيخ

37: ڪوءِ ڳنديندڙ هوءِ (ڪهاڻيون) هوش محمد ڀٽي

38: وفائون ماٺ تي ويون (شاعري) شبانہ نواز

39: آسرا جاڳي پيا (شاعري) عبد سنڌي

40: سونهن جو رد عمل (چونڊ غزل) مرتب: رحمت پيرزادو

41: ظاهر (ناول) سنڌيڪار: اياز ڀٽو

42: آهين تون هن پار (شاعري) شاهده ڪوڪر

43: لهر لهر خوشبو (شاعري) آڪاش ميراڻي

44: اعتراض (شاعري) بيخود بلوچ

2019ع

45: جيءَ جيارو (پيغمبرِ خدا جي زندگي تي نظر) اويس ڀٽو

46: نيل نديءَ تي رولاڪي (ناول: "نجيب محفوظ") ترجمو: اياز ڀٽو

47: عشق عبادت (ڪهاڻيون) اندرا شبنم پونا والا

48: مٽي ماٽي لايان (ڪهاڻيون) فرزانہ شاهين

:49 Nazeer Ali Bhatti Standard Basic English Grammar

50: هوائون قيد ۾ آهن (شاعري) رزاق عاصي

51: پيڙا جي پاتار ۾ (شاعري) خالده نسرين

52: ڪونج قطارون ذات جون (گڏيل شاعري) ڪونج بلوچ

53: نظم جدائي جا (اڪبر ڪرل جي شاعري) مرتب: نادر دايو

54: شيڪسپيئر جون ڪهاڻيون (چارلس لئمب/ميري اين لئمب سنڌيڪار: اياز ڀٽو

55: سماج ۽ سياست جو گرائمر (مضمون) ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري

56: شاهہ جو رسالو سور ڪيڏارو (ڪربلا جو قصو) ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ

57: شاهہ جو رسالو جا سُر ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ

58: سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت (مضمون) ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

59: در جو ڪڙڪو (ڪهاڻيون) شفيع ٻگهڪ

60: ريزا ريزا روح اسان جو (شاعري) بشير سيتائي

61: نت نت آهه نئون (لطيفيات) لطف پيرزادو

62: جھونڪو هوا جو آهيان (شاعري) عاجز عاشق تنيو

63: نينهن نجات نعت صفات (شاعري) سگھڙوريام فقير

64: عشق جي عنايت (سگھڙ علي گوهر وڳڻ جو ڪلام) مرتب: ڊاڪمال ڄامڙو

65: ڪرنل ڪي ڪير به خط نه ٿو لکي (ناول: گارشيا مارڪئيز) ترجمو: رحمت سومرو

66: ساروڻيون ساٺيهه جون (يادگيريون) خير محمد ڪولاچي

67: ڪجلا سر (ناول) اجمير پُنو

68: سامي سهاڳي (خاڪا) اقرار پيرزادو

69: ننڍڙي پري (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) وحيد محسن

2020ع

70: خوابن جو سفر (سنڌ جو سفر نامو) سلطانه وقاصي

71: ڳولا (شاعري ۽ ڪالم) منور سلطانه

72: سيد پير علي شاهه شيرازي جو ڪلام مرتب ۽ مقدمو: ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

73. محبتون پيالا ۽ پئمانا (تاثير ناٿن شاهي جي شاعري) مرتب: ذوالفقار گاڏهي

:74 Nazeer Ali Bhatti Standard Basic English Grammar

75. چوٿين مارچ ۽ سنڌي شاگرد جدوجهد سهيڙيندڙ: پروفيسر اعجاز احمد قريشي

76: ماٺهو پاڻ امُله (سوانحي خاڪا) محمد هنگورجو

77. تون ئي منهنجو محور آن (شاعري) بينا مسرور

78: ڪنهن موڙ تي ملنداسين (شاعري) عظيم جلباڻي

79: واپسي (ناول) انور ڪليم

:80 Dr Shermihrani Bequest of the Bhittai

81: ايلسا (ناوليٽ) عبدالواحد سومرو

82: آءِ لوَ يو (ناوليٽ) بيدل مسرور

83 . مان به تخليقيان ٿو ڪجهه ويڻو (نثر) آٿم ناٿن شاهي

84. پاڻي ڪوٽ ڊيم ۽ عالمي تضاد مضمون بشير منگي

85: ڌرتي ڌڻي شاعر، استاد بخاري (ڪالم) سهيڙ: سجاد يوسف سومرو ۽ تابش بخاري

86. شاهه لطيف هڪ ڪامل انسان (لطيفيات) فدا حسين شيخ

87. من من مور ٿهوڪا (خاڪا ۽ مضمون) علي نواز ڏاهري

88. ڪورونا جنگ جهڙي آ (شاعري) وحيد محسن

89. ڪڙو منجهه ڪڙي	(خط)	سهيڙ: احمد شاڪر
90. ڪجلي	(ڪهاڻيون)	جهانگير عباسي
91. آزاديءَ جي عشق ۾	(شاعري)	"ناشاد" رشيد سنڌي
92. سنڌ جو ابن بطوط	(حجاز نامو)	سهيڙيندڙ: ماڻڪ ملاح
93. وِيا اُت وهي	(سوانح/شخصيت/ساروڻيون)	سهيڙيندڙ: شمس راهمون

2021ع

94. چنڊ مٿي آڪاس	(شاعري)	خالده نسرين
95. ڳالهيون پيٽ ورنه ۾	(ڪالم)	سلطانه وقاصي
96. سڳنڌ	(سلطانه وقاصيءَ تي لکيل مضمون)	سهيڙ: مرتضيٰ لغاري
97. پنج آگريون	(ڪهاڻيون)	سڪندر هاڙهو
:98 Standard Basic English Grammar Nazeer Ali Bhatti		180_
99، پونءِ نه آياس پانءِ	(ڊاڪٽر ڪمال جي وڇوڙي تي آيل تاثراتي نثر)	سهيڙ: ڊاڪٽر عابده گهانگهرو
101: ڏونگر ڏاري ويند اسين	(عبدالحڪيم "ارشد" جا ڪالم)	مرتب: مرتضيٰ لغاري
102: وفائن ۾ هُڳاءُ آ	(شاعري)	آصف اصغر پنڀ
103: ڪاغذي ڳالهيون	(ڪالم ۽ مضمون)	يوسف جميل لغاري
104: ٻولي ٻجهارت	(لطيفيات)	مينهون خان "سوز" بلوچ
105: ٻوءِ	(ڪهاڻيون)	انور ڪليم
106: قدر منجهه ڪِنار	(پروفائيل انٽرويو)	علي محمد "درد" سولنگي
107: الف الڪ من ۾	(شاعري)	عبد سنڌي
108: ڪُلهي ڪانڌي ڪير؟	(ڪهاڻيون)	سيما عباسي
109: لاحاصل Love	(ڪهاڻيون)	جاويد شيخ
110: سڙيا مٿي سچ	(مضمون)	سرمد ڪوسو
111: سپنا منهنجي ساهه جا	(آٿم ناٿن شاهيءَ جي شاعري)	سهيڙ: ذوالفقار گاڏهي
112: تاريخ جي تهه خاني مان	(ڪالم مضمون)	سڪندر عباسي
113: سنڌوءِ ڪناري ساروڻيون	(يادگيريون)	ڊاڪٽر غلام رسول سومرو
114: تقدير جو احوال		ترجمو: فقير علي ڏنو نظاماڻي
115: شاهه جي رسالي جي سنڌي انگلش لغت		ڊاڪٽر علي اڪبر ڊڪڻ
116: عالم برزخ	(ناول)	ترجمو: قربان چنا
117: روشني آهي حسين	(شاعري)	شبانه عالماڻي
118: سنڌي شاعريءَ جو فن ۽ گهاڙيتا	(تحقيق)	عزيز قاسماڻي
119: ڏوريندين ڏسن	(لطيفيات)	محمد هنگورجو
120: سنڌ جو امداد "جيئن مون ڏٺو"	(شخصيت)	فدا حسين شيخ
121: سٿون پڙهه ساڃاهه جُون	(مضمون)	سرمد ڪوسو

SOORIH SINDHI ADAB

122: ڪارونجهر تي مور	(شاعري)	سليم چانڊيو
123: سنڌ سموري گهايل چو؟	(شاعري)	ارشاد سومرو
124: قلبي فڪر	(شاعري)	قاضي غلام مصطفيٰ
125. گل و گلزار جيڪب آباد	(تاريخي يادگيريون)	قاضي غلام مصطفيٰ
126. سنڌ سيپتا	(تاريخي ماڳ)	عنايت ڪٺياڻ
127. ڳالهيون ڪيناڊا جي وڻ وڻڪار جون	(سفر نامو)	ڊاڪٽر غلام رسول سومرو
128. ديوان	(سنڌي الفابيٽ تي غزل)	خالده نسرين
129: نئين دور جون نيون ڪهاڻيون	(ٻاراڻو ادب)	اظهر "آزاد" مغل
130: ڦاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالهه	(ڪهاڻيون)	جنم احمداڻي
131. پچارن پڙلاءُ	(تبصرا، تجزيا ۽ اپياس)	جاويد شيخ
132. احساس عاشقيءَ جو	(شاعري)	ڪوڙل قربدار

SOORIH SINDHI ADAB



ڪونڌر قربدار برجستو شاعر ۽ اديب آهي. ”احساس عاشقيءَ جو“ سنڌس معياري شاعريءَ جو ڪتاب آهي، هي شاعريءَ جي فن ۽ فڪر جو سنو ڄاڻو ۽ استاد شاعر آهي. قنبر سنڌي ادبي سنگت جي دور کان پنهنجو تعلق قائم ۽ دائم رهيو آهي. اسان ڳوناٺي مان شعري ٻڌياسين. علم ادب جي ميدان ۾ مشاعرا ٻه پڙهياسين ته مقالا ۽ مضمون ٻه لکياسين ۽ پڙهياسين. سڄي سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن سان ڄاڻ سڃاڻ ٿي، ڪجھ مشاهدو ته ڪجھ مطالعو، جنهن جو نتيجو ڪونڌر قربدار جو هي خوبصورت غزل آهن.

نظر نظر ۾ خمار اوتون، اسان رهون ٿا تڏهن ته غم سم.
خزان جي رت ۾ بهار اوتون، اسان رهون ٿا تڏهن ته غم سم
پريان ڏسو هو عجيب منظر، گلابي ڀونئو ڪڙي پيو آ.
هُڳاءَ ۾ هن هزار اوتون، اسان رهون ٿا تڏهن ته گم سُم.

بحر متقارب شازده رڪني، سان واه جو رچاءُ ڪيو اٿس، ڪونڌر جي فن ۽ فڪر ڏسو هي پيو غزل:

تهنجي سجدي ۾ سر جهُڪيو پيو آ.
پل نه هڪڙو به واندڪائي آ،
سنڌ هيرن جي کاڻ آ ”ڪونڌر“،
جنهن ۾ سامي، سچل، ڀٽائي آ.

ڪونڌر جو فني ڪم نهايت خوبصورت ۽ خوش گوار آهي. وائي جون چند سٽون:

جيون سارو سُور،

ڪهڙي اک سان اک لڳي!

”ڪونڌر“ جي احساس ۾،

تتل آهه تنور.

ڪهڙي اک سان اک لڳي.

24ـ13+11 ماترا جي هيءَ وائي ٻه شهڪار آهي.
”اک سان اک لڳڻ“، ”هٿ ۾ هٿ هجڻ“ وارا ايهي في البديع استعارا شعر ۽ ادب جا لاجواب جملا آهن. اهوئي شاعرانِي تخيل جو اعجاز آهي. ڪونڌر قربدار جو ڪتاب ”احساس عاشقيءَ جو“ سنڌي شاعريءَ جو خوبصورت باب آهي، ان کي عزت جي نظر سان ڏٺو ۽ پڙهيو ويندو.

سرمد چانڊيو
01 سيپٽمبر 2021ع

ISBN# 978-969-7958-54-2

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani